# ڦوھر ھيٺان ننڊ

(شاعري)

## فراق ھاليپوٽو

ڪنول
پبليڪيشن
قنبر

خواب ۾ مون ڪان بارش اھو بہ پڇندي آ،
ڦوھر ھيٺان ايڏي ڪيئن ٿو ننڊ ڪيان!

انٽرنيٽ ايڊيشن : عباس ڪوريجو ويب
WWW.ABBASKOREJO.COM
وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رھو.

## ارپنا

سنڌ جي پھرين شعوري شھيد
شھيد سميع الله ڪلھوڙي جي نانءُ

مون ڌرتي تنھنجا ڏگ ڏٺا، مون تن جا لويل لگ ڏٺا،
جن وڙھندي وڙھندي جان ڏني، سي وارا وير وڃائي ويا.

فراق جي شاعري پڙھي محسوس ٿو ٿئي تہ ھو ڪيفيتون بيان ڪرڻ جي اھليت کان وانجھيل ناھي. ھو ڪيفيتن ۾ ٻڏي پوڻ لکڻ جي راھ تي سنبري ٿو ان ڪري ئي احساسن سان ٽمٽار ھن جي شاعريءَ ۾ معنويت جو پھلو واضح ھئڻ سان گڏ حساسيت جي نمائندگي ڪمال جو پھلو رکي ٿي. سندس نثري نظمن ۾ نواڻ جو احساس تہ بلڪل چٽو آھي پر اھي مفھوم وسعت ۽ پيشڪي جي خوبين سان بہ ڏاڍا زرخيز ٿا محسوس ٿين ۽ ھن جي شاعريءَ ۾ ادارڪ ۽ احساس جون نيون شڪليون بہ تلاش ڪري سگھجن ٿيون. مجموعي طور آءُ ائين چوندس تہ فراق جي شاعري سنڌ عڪسن، خيالن، جذبن ۽ احساسن جي منفرد اپٽار آھي ۽ اھا اپٽار سندس شاعراڻہ سفر جي اڳتي وڌڻ جي ساک بہ آھي.

**ايوب کوسو**

*فراق جي شاعريءَ ۾ تخليقي اظھار جي شدت کان انڪار نٿو ڪري سگھجي. تشبيھون ۽ استعارا ايترا تہ ڀرپور ۽ نواڻ رکندڙ آھن جو آئون ڪافي دير انھن جو الڳ الڳ مزو وٺندو رھيس. ڪجھہ نثري نظم مون کي ڪينواس تي لڳل تيز اداس ۽ شوخ رنگن وانگر لڳا، جيڪي ترتيب ۾ اچڻ کان پوءِ ھڪ خوبصورت پينٽنگ سڏرائي سگھن ٿا. انھن جا جملا الڳ الڳ حيثيت ۾ ڇيڇڻ گھرجن تہ بھتر رھندو ڇو تہ اھي نہ فقط تمام جاندار ۽ خوبصورت جملا آھن پر انھن جي بيان جو انداز نرالو ھئڻ سان گڏ اھي پنھنجي دؤر جو اڇوتو سچ پڻ آھي.

**مصطفيٰ ارباب**

* آئون اھو ڪو نہ لکندس تہ تون غزل جو شاعر آھيان يا نظم جو .... آئون توتي ڪو بہ ليبل ڪو نہ ھڻندس. پر آئون اھا ڳالھہ ضرور چوندس تہ مون کي تنھنجا نظم ايترا وڻن ٿا، جيتري 'ڪيرت' کي سنڌ وڻي ٿي. مون کي ايئن ٿو لڳي تہ ڪلاڪ سوا جي پيادل پنڌ تي توکي خليفو نبي بخش 'قاسم' ويجھو آھي ۽ تنھنجي شاعري بہ خليفي جي شاعريءَ سان ياڪرين پيل آھي. مون کي تنھنجي شاعريءَ ۾ 'ڪوسيون ڪپارن ۾ ڇھتيو چڪ وجھن' وانگر خليفي جھڙي مزاحمت بہ نظر آئي آھي تہ 'ڪانڌ نيوڙيس ڪپڙا، حاضر ويھي ھيئين'جھڙي جماليات بہ مون تنھنجي شاعريءَ ۾ ڏٺي آھي. ۽ تنھنجي شاعري جتي سرمدي ڪيفيتن جو اظھار بہ آھي تہ اتي صوفيانہ رومانيت سان گڏ خالد ڪنڀار جي لفظن ۾ 'رقص درويشان' جيان محو رقص بہ آھي ۽ اھو رقص پھرين تون ٿو ڪرين پوءِ تنھنجي شاعري. شال اھي ڪيفيتون اھا رومانيت ۽ اھو رقص تنھنجي ذات جيان تنھنجي شاعريءَ ۾ بہ قائم رھي.

**روحل ڪالرو**

* سنڌي شاعري نہ مُقام ۾ پھتي آھي ۽ نہ ھُن جي اڏام آڪاس تي آھي پر ھن جا پير پنھنجي ڌرتي تي ڪتل آھن ۽ ھوءَ ڪنھن ڇيڳريءَ جيان نچي ڪڏي رھي آھي. فراق جو ھيءُ ڪتاب انھيءَ ڳالھہ جو مظھر آھي.

**نصرالله جروار**

* فراق! تنھنجي شاعري ۾ توٽي جو خوبيون بہ آھن تہ خاميون بہ پر ايترو ضرور چوندس تہ ڪيس آساني سان نظر انداز نٿو ڪري سگھجي.

**ڊاڪٽر شاھد ھاليپوٽو**

تعارف:

94-1995ع جي ڳالهہ آهي جو ڪنهن اخبار ۾ هُن تي هڪ ڪالم ڇپيو هو جنهن ۾ هُن جي خودڪشيءَ جو ذڪر هيو. ياد ٿو اچي، اهو ڪالم سندس يار عثمان راهوڪڙي لکيو هو. ان ڪالم ۾ هن جي شاعريءَ ۽ ذات جي حساسيت تي ڳالهايو ويو هو ۽ پوءِ مون هن کي پهريون خط لکيو جنهن ۾ شاعريءَ ۽ زندگيءَ تي بحث ٿيل هيو. اهو خط جيئن ئي هُن کي مليو اسان جي وچ خط و ڪتابت جو سلسلو شروع ٿي ويو هو. جيڪو اڳتي هلي دوستيءَ جي لازوال رشتي ۾ بدلجي ويو. اسان جي وچ ۾ محبتن جا انيڪ گل ٽڙڻ لڳا هيا. اڄ جڏهن آئون پنهنجي دوستن جي حلقي تي نظر ٿو ڊوڙايان تہ هو مون کي پنهنجي انتهائي پيارن دوستن مان لڳي ٿو جن سان مون زندگيءَ جا سمورا ڏک سک شيئر ڪيا آهن. پنگريو شگر ملز جي ويجهو ڳوٺ سراج الدين هاليپوٽو جي پرائمري استاد سائين حاجي سونهاري هاليپوٽي جو پٽ فقير احمد هاليپوٽو (جيڪو پاڻ بہ هن وقت پرائمري استاد آهي) جنهن کي سنڌ فراق هاليپوٽي جي نالي سان سڃاڻي ٿي، ان جي شاعريءَ ۽ ذات ۾ لاڙ جي ڳهريل راتڙين جو حسن محو خواب آهي.

فراق، خليفي نبي بخش 'قاسم' جو پاڙيسري آهي. خليفو جنهن لاءِ اسان جي راءِ آهي تہ ان جي شاعري لطيف کان پوءِ سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جنهن معيار جي آهي، ان جي همسري بيو ڪو بہ نٿو ڪري سگهي، ان ڪري فراق هڪ طرح چڱ تہ خليفي جي ان لازوال فني ورثي جو وارث آهي. هاڻي اهو فراق تي ڇڏيل آهي تہ هو خليفي جهڙي لافاني شاعر جي پنهنجي حصي ۾ آيل وارثت سان ڪيترو انصاف ڪري ٿو ۽ ان سان ڪيئن نڀاهي ٿو!

فراق جي شاعريءَ جي فني ۽ فڪري پهلوئن تي ڪو نقاد ئي بهتر نموني ڳالهائي سگهي ٿو. آئون هڪ دوست جي حيثيت سان هن تي بہ لفظ لکڻ جي جسارت ڪري رهيو آهيان. فراق جيڪو پنهنجي ذات ۾ انتهائي نهنو ۽ نماڻو شخص آهي، نور چاڪراڻي، غلام حسين آريسر، منظور سمون، محمد علي جروار، روحل ڪالرو، مقبول هاليپوٽو ۽ مون جهڙن ڪوڙسارن درويش ماڻهن جو نماڻو ۽ سپاجهو يار پنهنجي سياءَ ۾ لاڙ جي سگداسي ۽ رتڙين چانورن جهڙي خوشبو رکي ٿو. اهو جنهن ڳوٺ مان اپريو آهي، اُتي يقينن هن جهڙي ماڻهو جو هجڻ سچ تہ مون کي معجزو لڳندو آهي. سيد جي فڪر جو هي جذباتي پرچارڪ فراق پنهنجي ڪمٽمنٽ ۽ وطن پرستيءَ ۾ سدائين مالامال رهيو آهي. مون هن جي من ۾ سدائين متيءَ جي محبت جا ڪتڪٽار ڪڙيل ڏٺا آهن. اڄ جڏهن هو اهل ڪتاب ٿيڻ وارو آهي تہ يقينن اسان سڀ دوست هن جي پيار جي پورهئي تي خوش آهيون ۽ چاهيون ٿا تہ سنڌ، هن جي انهيءَ ڪچي ڦڪي ئي صحيح پر سنڌ سان ڪيل محبت جي تراني کي مانُ ڏيندي ۽ هن جو من رکندي.

**حاجي ساند**

عمر ڪوٽ

فراق هاليپوٽو ڏاڍي نماڻيءَ ۽ مانيٽيءَ طبيعت وارو ماڻهو آهي. سندس سياءَ ۾ ڪنهن قسم جو پـڏُ يا اُڊمبر نہ آهي. وقت جي ستم ظريفين اڄ جي جنهن نوجوان نسل جي ڪلهن تي ڳرا بار وجهي ڇڏيا آهن، فراق بہ سنڌ جي انهيءَ قافلي جي هڪ باشعور همسفر جي حيثيت سان اُهو بارُ پاڻ تي سهايو آهي.

عربيءَ ۾ چوندا آهن، 'ڪَبَر نِي مَوتَ الڪبرِياءَ' يعني: 'وڏڙن (ابن ڏاڏن) جي موت اسان کي پوڙهو (وڏو) ڪري ڇڏيو.' سنڌ جون مُنجهائيندڙ ۽ مخدوش حالتون، ماڻهن جي بي حسي ۽ تاريخ جا بي رحم لمحا اڄ جي هر نوجوان سان گڏ فراق جي اکين ۾ بہ ڏسي سگهجن ٿا. آءُ جڏهن بہ ڪيس ڏسندو آهيان تہ سندس اکين ۾ ڪُنل هرڻيءَ جي اداسي نظر ايندي آهي.

**حليم باغي**

فراق هاليپوٽو نئين ٿهيءَ جو خوبصورت شاعر آهي. هي لاڙ جي ٿڌين هوائن جهڙو مزاج رکي ٿو. ان ڪري هن جي شاعريءَ ۾ بہ ٿڌو ۽ مٺيءَ جي هڳاءُ جهڙو لهجو موجود آهي. هن هم عصر دور ۾ مولوي حاجي احمد ملاح ۽ ابراهيم منشي جي غالب اسلوب بدران لطيف ۽ خليفي نبي بخش جي جمالياتي لهجي کي قبول ڪيو آهي. پر هيئت جي حوالي کان هن پنهنجو رستو اختيار ڪيو آهي ۽ هن ڏڳهن نظمن ۽ نظماڻي نثر طرف وڌيڪ ڌيان ڏنو آهي. فراق ٿوري ئي عرصي ۾ پنهنجي ٿهيءَ جو منفرد تخليقار ٿي اُڀريو آهي.

**تاج جويو**

**فراق، پنهنجي شاعراڻي نانءُ جيان پنهنجي طبيعت ۾ پڻ سچو ئي شاعر آهي. هُن جا اداس ٿهڪ ۽ هيٺي هاڻي سندس تخلص سان پيچي بيهن ٿا. هڪ شاعر جي حيثيت سان فراق هاليپوٽو اُهو شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ کي**

پنهنجو روح، جسم ۽ پاڇو آهي. فراق هاليپوٽو جي شاعري جي فن يا فڪر سان ڪو نقاد ’ڪاسائڪي ڪار‘ ڪري نه ڪري، پر مون کي سندس شاعري هڪ اهڙي شخص جي شاعري لڳي ٿي، جنهن پنهنجي زندگي ۾ مري جيءَ ڏٺو آهي ۽ جنهن دل کي سدائين دادلائي بخشي آهي.

**نور چاڪراڻي**

## مهاڳ

# سمنڊ ڇُلي جيئن مينهن ۾!

’ٿوهر هيٺان ننڊ‘ فراق هاليپوٽي جو پهريون شعري مجموعو آهي. ’ٿوهر هيٺان ننڊ‘ هڪ تصور (Image) آهي يا هڪ مشاهدو (Observation) پنهي کي ڇڏي اهو مون لاءِ شاعراڻو احساس آهي. ٿوهر جيڪو نه رڳو رُڃ ۾ اڪيلائپ جو اُهڃاڻ آهي پر اهو ساڳئي وقت ڪنڊن سان گڏ ڪڙاڻ جو ذائقو به آهي، جيڪو اُڇارڻ ڪان پوءِ نڙيءَ کي ڪڙي ڪرڻ جي برابر آهي. پر شاعريءَ جي اک حُسناڪين کي تلاش ڪرڻ جو پيو نالو آهي. ان ڪري شاعر اُن اڪيلي، ڪنڊن سان جهنجهيل ڪڙي ٿوهر جي شايد ڇانوَ ڪان متاثر آهي، جو شايد ٿوهر ايترا قداور به ٿين تا جو ان جي ڇانوَ ۾ ڪو ٿريو مسافر آرام سان ننڊ به ڪري سگهي ٿو. هي هڪ عام نه پر خاص احساس آهي، جيڪو ٿوهر جي پيبن خاصيتن کي به ظاهر ڪري ٿو جنهن ٿوهر تي مون پنهنجي هڪ سفر ۾ نه رڳو اُس ۾ پوپٽن کي پرَ پکيڙي ويٺل ڏٺو پر اُن جي ماکي چکڻ جو مزو به ورتو.

هونئن به شاعري عام شين عام احساسن ۽ عام رنگن مان ڪجهه خاص شين، خاص احساسن ۽ خاص رنگن کي تلاش ڪندي نظر اچڻ گهرجي. ايئن مون لاءِ هڪ شاعر ۽ هڪ دوست جي حيثيت ۾ فراق هاليپوٽو هڪ عام بجاءِ خاص شاعر ۽ خاص دوست آهي. ٽنڊو باگو جي زرخيز مٽي جنهن هن کي جنم ڏنو مون به چمي ڏٺي آهي. اُها هڪ ساوڻ جي منجهند هئي، جنهن جو احساس سنهي سنهي بوند جي ڪري نرم ڪپهه جهڙو ٿڌو آئون هن وقت به محسوس ڪري سگهان ٿو ۽ باگي واهه جي پرسان هڪ چپرائين هوٽل ۾ خليفي نبي بخش قاسم جي سُر ڊولو مارو تي ڪچهري ڪندي اُها گرم چانهه جي سپ به چُهي سگهان ٿو جا اسان گڏجي پيتي هئي. فراق هاليپوٽي جي شاعري به مون لاءِ ان ساوڻ جي موسم ۾ فطرت جي ڪنهن حسناڪ ڏيک سمان آهي، جنهن مان اُجايل اکيون ڪڏهن به ڊاپي نه سگهنديون آهن ۽ جا باگي جي محبوبا سونيتيءَ وانگر هر پيري نوان سينگار ڪري درشن ڪرائيندي نظر ايندي آهي.

موٽ وسندي مينهن الا!
قاسم مند ملهاري جي، توريءَ گهاريان ڪيئن الا!

مان ’ٿوهر هيٺان ننڊ‘ جي مهاڳ ۾ هڪڙو خودڪلاميءَ سان پريل دل جو اوبر اوتي پنج ڇهه صفحا به پري سگهان ٿو جنهن ۾ شاعر جون به ستون به مثال لاءِ نه ڏيئي، شاعر لاءِ ذهني مونجهارا به ڇڏي پنهنجي ميار لاهي سگهان ٿو. پر اهو طريقه ڪار نه ته شاعر جي شاعريءَ سان انصاف ٿيندو نه وري پڙهندڙن سان. جيڪي اکين ۾ اڻ ڇهيا تصور ڪٽي ورق کولي، ڪتاب پڙهڻ شروع ڪندا آهن. مان چاهيان ٿو ته فراق هاليپوٽي جي پهرئين شعري مجموعي تي سندس نج شاعراڻن احساسن جهڙا ڪي نج احساس اوتيان.

مان به پنچين جيان ڪيس ڏسندو رهيس،
تيز بارش ۾ نم جو جڏهن وڻ ڪريو.

پيار دريا، شاعري آهي گهڙو،
۽ ملڻ جا ڏينهن آهن وڏقڙو.

فراق هاليپوٽو 90ع کان پوءِ جي ٿهيءَ جو اهم شاعر آهي. هن جو پڪو پختو لهجو سُپڪ ۽ سوادي ٻولي ۽ نئين شعري ترڪيب پڙهي ۽ محسوس ڪري، مان خوشيءَ جو اظهار ڪريان ٿو. هونئن سنڌي ادب ۾ شاعريءَ تي تنقيدي ۽ تعريفي رويو ذاتي نوع جو ئي رهيو آهي. جنهن ڪري ’شاعراڻي تنقيد‘ جو معيار روايتي هجڻ ڪري ڪي بهتر قدر پيدا ڪري نه سگهيو آهي. مارڪس چيو هو ته انساني تاريخ طبقن جي جنگ کان سواءِ ڪجهه به ناهي ۽ شمشير الحيدري لکيو هو ته سنڌ ۾ تنقيد ذاتي وير جي ئي تاريخ آهي. ان ڪري سنڌي

ادب ۾ جيڪي ڪمزوريون رهيون آهن، اُهي ڇڻ نون لکندڙن لاءِ ڪمزورين جو رستو بڻيل آهن. اُهي درست تڏهن ٿينديون، جڏهن سنڌ ۾ ڪو اعليٰ پائي جو اهڙو تنقيد نگار جنم وٺندو جنهن لاءِ تخليق جي معاملي ۾ سماج جا ٻيا رشتا ثانوي حيثيت جا هوندا. سنڌ ۾ جيئرن تي تنقيد جو تصور ذاتي وهنوار جو حصو رهيو آهي، جڏهن ته لوڪ پڌاري ويندڙن تي تنقيد جو تصور به حرام آهي. ان ڪري ادب جو تعميري پاسو نه رڳو اڻ پورو پر اُجاروئي رهيو آهي. سنڌي ادب جي ماضي قريب ۾ خاص طرح شاعريءَ جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيا آهن، پر اُهي يا ته تنقيد جي تعريفي ٻوڏ ۾ لڙهي ويا آهن يا وري اُهي خاموشيءَ جي نذر ٿي ويا آهن. جيڪڏهن اُڙٻو ٽڙٻو ڪو تنقيدي سڏ اڀريو به آهي ته اهو اڪيلو ڪيو ويو آهي. ان جي همت ٻڌائڻ بجاءِ سڏ ئي دٻايو ويو آهي. منهنجي نظر ۾ هي عمل تنقيد جي دروازن بند ڪرڻ برابر آهي، جڏهن ته ايئن ممڪن ئي ناهي. ڇو ته تخليقي شعور جو سوجهرو تنقيدي شعور مان ئي ڦٽندو آهي. يعني تنقيد تخليق سان گڏ سفر ڪندي آهي. اهو عمل رڳو ادب ۾ نه پر زندگيءَ ۽ سماج ۾ به ڪارفرما رهندو آهي. هيرا ڪليتس چوي ٿو ’ساڳئي وهندڙ پاڻيءَ ۾ هڪ ئي وقت ٻه ڀيرا ٽٻيون ڪونه ٿو سگهجي.‘ ڇو ته ٻئي ڀيرو ڪوڙڻ تائين ڀهرئين ڪوڙيل پير هيٺان اڳيون پاڻي وهي چڪو هوندو آهي. ائين سموري ڪائنات جو تخليقي سفر شعوري/لاشعوري پنهنجي تنقيدي پاڇي سان گڏ رواں دوان آهي. جيڪو روڪ ۽ ٽوڪ کان متاثر آهي. فراق جي هن شعر وانگي:

گيت ٻيڙيءَ تي ڳائي ملاحڻ پيئي،
دل چوي ٿي وڃي مان به ساڻس ڇوان.

فراق هاليپوٽو پنهنجي مزاج ۾ شاعر آهي، هن جي سوچ، هن جي لوچ شاعراڻي آهي. شاعري پڙهوس، ساڻس ملوس، نفاست جو احساس لونءَ لونءَ ۾ پرجي ويندو. هو سمجهي ٿو هڪ سُچيت تخليق پنهنجي تنقيدي تعمير اُن ٻار جيان پنهنجي سر پاڻ ڪندي آهي، جنهن لاءِ فطرت راهون کوليندي ويندي آهي. هن کي خبر آهي ته پوپٽ پنهنجي حُسناڪين جا متلاشي پاڻ هوندا آهن، ان ڪري اُهي ڪنهن مصنوعي تاهيل باغ جا پابند ناهن هوندا ته ان جي ئي احاطي ۾ لڳايل گلن جي رشتن ۾ رهن. بلڪ هُو پنهنجي تخليقي سفر ۾ ٿوهرن ۾ پيدا ٿيل گلن جي سونهن تي به رسي ويندا آهن. پوپٽ تخليقي عمل جو حياتياتي مثال آهن ۽ فطري شاعرن جيان فراق لاءِ اُهي تخليقي راهه جي روشني آهن. جيئن شاعريءَ جو نصاب جي ٺهيل رستن تي هلڻ اوس آهي، تيئن پوپٽن جو به شعور جي ٺهيل ٺڪيل رستن تي هلڻ بي معنيٰ آهي.

’پينٽاگون جو وس هلي ته
پوپٽن جي پرن کان رنگ کسي وٺي.‘

هن نظم ۾ برابر هاڻ عراقي ٻارن جا زخمي هٿ آزاد فضاءِ ۾ فاختائن/جهرڪين کي اڏارڻ کان قاصر آهن، پر وان گوگ انهن کي خودڪشي ڪرڻ جي صلاح ڪيئن ڏيندو؟ جو هو پاڻ مصور آهي ۽ سرءُ کان بچڻ لاءِ رنگن سان پنن تي پتن کي تخليق ڪري ٿو ۽ سمجهي ٿو ته تخليق ته مئل شين کي جيئرو ڪندي آهي، نه جيئرن شين کي ماريندي آهي، تڏهن ته تخليق انتهائي مايوس ماحول ۾ به اميد جا ترورا ڏسي وٺندي آهي!

مون کي اوجا سڀ اڄن ٿا،
ڪڪرن کي ڪيئن ڪڻ هٽاڻ مان!
منهنجو ڪو گهر گهاٽ نه آهي،
تڏهن ٿو ايڏا وڻ هٽاڻ مان.

(شايد وڻ هٽڻ مان هتي وڻ پوکڻ جو مطلب ورتو ويو آهي!)

تنقيد پنهنجي پڇاڻن جي سفر ۾ ڪنهن کي به بخش نه ڪندي آهي.

آکيرن کان ننڊ کسي ڪنهن؟
آئون هوا کان اهو پڇان ٿو.
دنيا ڏن جي پوياڻ ۾ مان!
جهوني ٻڙ جي ڪٽا لڪان ٿو.

فراق پنهنجي شعري مجموعي جي صنفن کي بي ترتيب رکي، انهن مان امداد حسينيءَ وانگر نکٽن جو هڪ نئون آسمان ناهيو آهي، جن ۾ ستارن جي بي ترتيبيءَ جو پنهنجو حُسن هوندو آهي، ڪٿي ٽيڙو ڪٿي ڪٽ، ڪٿي وڇون، ڪٿي روح! مون کي اصل ۾ روح بجاءِ کوهه ڇوٽو هو!

فراق جا نظم سندس نثري نظمن کان ڪجهه وڌيڪ چٽا آهن. منهنجي خيال ۾ شاعراڻو منطق پنهنجي ڪردارن کان سواءِ تجريدي ٿي ويندو آهي. لڳي ٿو اردو نثري نظم جو متس اثر آهي، جنهن ڪري هو انهن ۾ ڪجهه وڌيڪ تجريدي ۽ ڪجهه وڌيڪ بي ترتيبيءَ جو شڪار آهي. در اصل نظم هجي يا نثري نظم ’اهو سٽن جو ورهاڱو‘ نه هجڻ گهرجي، بلڪ ان کي خيال جي هڪ ساڳي ڪهاڻي هجڻ گهرجي. جيئن هي سٽون آهن.

* ’پوءِ مون چوڙين جا رنگ وڪڻي بارش خريدي
ءِ آڪيرن ۾ لڳل آڳ اجهائي
پکين لاءِ آسمان هموار ڪيو.‘

* ’هڪ استاد پنهنجا سڀ خواب وڪڻي
پنهنجو قرض لاٿو آهي.‘

* مان اوجاڳيل اکين جو آسمان آهيان
هوءَ نيرين اکين واري ڇوڪري
نديءَ جي جوانيءَ جو راز آهي.‘

فراق جي نثري نظمن ۾ ’بارش جو خواب‘، ’ڪير خريدي بارش کي؟‘، ’هن دؤر جو نوحو‘، ’ THIS IS KARACHI‘ ۽ خاص طرح ’ٻن چپن جي گفتگو‘ پنهنجي موضوعاتي انفراديت جيان وڌيڪ جاندار نظم آهن. دل چاهي ٿي ته آخري نثري نظم سڄو جو سڄو ڪوٽ ڪريان، پر ان جو هڪڙو ٽڪرو هت رقم ڪريان ٿو:

*ڇوڪري مرڪ کي معنيٰ جو لباس پارائي چوي ٿي
هو پٽر ڏوئيندڙ گلاب ڇوڪرو ئي
منهنجي دل جي ڪليسا جو ڪبوتر آهي
منهنجي جسم جي ڪتاب جا سمورا ورق اٿلائڻ جو حق
مون هن کي ئي ڏنو آهي
تون ڏسجان آئون جلد توکي پنهنجا راز ڏيندس
۽ توکي تنهنجي هٿڻ جو احساس شدت سان ٿيندو
آئون چلندڙ ڇلانگ ڏيندڙ ندي بڻجي پونديس
۽ تون پاڻي کي ڏسندو رهجي ويندين!

مون نظم ۾ جنهن ساڳئي خيال جي ڪهاڻيءَ جي ڳالهه ڪئي آهي، اُها هن نظم ۾ موجود آهي، توڙي ان ۾ انيڪ اشارا ۽ انيڪ شاعراڻا رنگ آهن. پوءِ به ان جي آغاز ۽ انجام ۾ جيڪو ميل آهي، اهو لاثاني آهي.
فراق جو اظهار لهرن وانگر وهي ويندڙ پر جلد سمجھ ۾ ايندڙ آهي، اُهو تجريدي ڍنگ هوندي به اتجريدي يا Real رنگ جو آهي.

شهر جي سڙڪن تي پاڇا گهمي رهيا آهن
اخبارن جي بدن مان رت ٽمي رهيو آهي
ڪيئمرائون چري عورت جيان ڊوڙي رهيو آهن
۽ ٽرانسفارمن کي نبڊ ۾ ئي قتل ڪيو ويو آهي.

جيڪڏهن ڪو ريئل ازم فراق جي شاعريءَ تي لاڳو ڪري ته ڪري سگهي ٿو . جنهن ۾ هڪڙين حقيقتن کي ٻين حقيقتن سان ملائي، ٽين حقيقتن کي نرالو رنگ ڏئي پيش ڪيو ويو آهي. اخبار ۽ بدن به الڳ الڳ حقيقتون آهن. جڏهن سماجي ارتقا اُهي گڏ پيش ڪري ٿي ته اخبار هڪ اهڙو جيئرو جاڳندو بدن ٿي وڃي ٿي، جنهن مان حالتن جا وڍ رت ٽمائي رهيا آهن. هن جا ڪي نظم به عنوان کي بعنوان آهن. اهو به هن جي ڍنگ جو هڪ رنگ آهي، ان ڪري به ته :

عشق ڪنهن آيت جيان دل تي لٿو
درد جا تفسير سارا پوءِ پڙهيا
شاعريءَ جا مون پيتا توٽي شراب

كيپ تنهنجا چپ ڏسي آهن چڙهيا

فراق هڪ پڙهيل ڪڙهيل شاعر آهي، هن وٽ جيڪو موضوعاتي دنيا جو شاعراڻو رنگ آهي، اهو پنهنجي تز اظهار ڪري موهي ڇڏيندڙ آهي. هو سمجهي ٿو ته لفظن کي ٻي معنيٰ ڪتب آڻڻ معنيٰ انهن کي قتل ڪرڻ آهي. هن لاءِ مقصديت اهم آهي:

ڏندن ۾ هُن ڏني پوتي، اسان ٻلهار پئي ٿياسين،
اکين ۾ تر پيس مرڪي، اسان ملهار پئي ٿياسين.

فراق جي نظم جيان هن جو غزل رنگ به شاعراڻي رنگ سُرنگ ۾ رڱيل آهي، اُن کي پڙهي رڳو ڪن رس جو مزو نٿو ماڻجي، پر منظر کي اکيان تخليق ٿيندو ڏسي اکيون به ٺري پون ٿيون.

ڇُري جڻ چاچرو پيئي، ڪتياڻي خواب پنهنجي ۾،

اجايل مور جون اکڙيون، نهوڙي ننڊ کي ويئون
پکين جو روح مون کي ۽ هرڻ جو هانءُ چو آهي؟

هي سٽون پڙهي، مان ڪتياڻيءَ جي خواب وانگيان نه رڳو ڇُريل چاچرو ٿي ويو آهيان، پر منهنجو روح پکيءَ ۽ هانءُ هرڻ وانگر ٿي ويو آهي. غزل جي حُسناڪيءَ جو هيءُ رنگ مقام ۾ وينل ڪو نه ڏسي سگهي ته ڪنهن جو به ڏوهه ناهي، نه وري اُهي ڏوهي ڪن آهن جيڪي ڪِپهه جي پُڙن سان بند آهن، جن تي آواز جو انعام بند ڪيو ويو آهي.

اسان جو روح رلين جيئن سُبيو تو سونهن سان آهي،
وري تو ايئن ويڌاڙيو، اسان ادڙيا ڪڏهن ناهيون.

فراق هاليپوٽي شاعراڻي ڌرتيءَ تي بنهه سنيالي سنيالي پير رکيا آهن. ڪٿي ڪٿي هو رواني جو رستو ڀُلجي به ٿو پر ٿورڙي دير لاءِ، وري هو لهرن سان ڪڏهن لهوارو ته ڪڏهن اوڀارو ان پر وهڻ شروع ٿئي ٿو جو هن جي ساهي ڪڻڻ جو گمان به نٿو ٿئي. در اصل شاعريءَ جي نديءَ ۾ عشق ئي هن جو ترهو آهي، جنهن ڪيس ترڻ لاءِ سهڻي جهڙو اعتماد ڏنو آهي.

اُٿي ويو عشق آ جنهن کي، انهيءَ کي ڪو اُبيڙيندو؟
حياتي هونئن پلا چاهي، رڳو ڏاڳا ڪچا آهي!

فراق جو غزل ننڍين ننڍين اوٺاين باوجود ڏاڍو سريلو ۽ ڏاڍو پختو آهي، ان ۾ هن جيڪي پنهنجي مشاهدي جا رنگ ملايا آهن، انهن ڪيس منفرد شاعر ڪري پنهنجي هم عصرن کان الڳ ڪري بيهاريو آهي. نه هن وٽ لفظن جو گهٽو بگاڙ آهي، نه وري معنائن جو اجايو ضد، هن وٽ شاعريءَ جو اعليٰ اظهار آهي. اهو ان ٻنل هوا وانگر آهي، جنهن کي گلن تان ڪنهن ڪنهن ئي گذرندي ڏٺو هوندو آهي.

تي ڏوئي ڏوپ هوءَ پهريون، پڙي کي تو چوي پاڻي:
سڄڻ جئن جئن سنياري ٿي، ندين ۾ عشق تو
مهڪي.

جيئن پوپٽ هڪ گل کان ٻئي گل ڏانهن راز جاڻڻ لاءِ ويندو آهي، تيئن فراق به پنهنجو مشاهداتي ۽ تخليقي سفر وکون الڳ الڳ ڪٽي حاصل ڪري ٿو.

اجان اجرڪ ئي اوچڻ آ، رليءَ جا راز، جا جاڻان!
وڃي ٿي ڪيئن جواني ۽ سمورا ساز، جا جاڻان!

جڏهن شاعر پختگيءَ جون منزلون ماڻڻ شروع ڪندو آهي ته بحر وزن سان گڏ ٻوليءَ جي استعمال جا ڪيترائي مامرا هن لاءِ ثانوي ٿي ويندا آهن. ۽ هن لاءِ رڳو تصور جي تخليقي اڏام ئي اصل مقصد بڻجي ويندي آهي. هونئن به جي خيال تصور بڻجي اڏامن ۽ نه اڏامڻ جو احساس ڏين ته انهن کي شاعراڻا خيال نه چئبو پوءِ اهي بحر وزن ۾ هوندي به رڳو سڪتا بيان آهن. فراق جا شاعراڻا خيال، ڪي قدر پابند بيان کان هٽي پنهنجو

تخليقي رنگ اختيار ڪرڻ شروع ٿي ويا آهن. هن جي ڪنهن نہ ڪنهن شعري سٽ ۾ ڪا نہ ڪا شاعراڻي خوبي آهي:

ڳوٺ تنهنجو آ سمهي مون ۾ رهيو،
نند ۾ نرواڻ ۾ آهيان ڪٿي!؟

هٿ منهنجا ڪپي هو منهنجو دوست،
ڪري مون سان بَدي رهيو آهي.

هن مجموعي ۾ فراق جي نثري نظمن، غزلن سان گڏ پنج ڪڙا، بيت ۽ وايون بہ شامل آهن. هن جون وايون پنهنجي گهاڙيٽي ۾ نج وايون آهن. منجهن موضوعات جي نون رنگن اچڻ سان اُهي بہ نيٺ اڏامڻ شروع ٿينديون ان جي سٽاءُ جي سونهن جا ڪجهہ رنگ هي بہ آهن.

*پنچين جهڙا پيار
توڪان چا وسري ويا!؟

* تند اجان تون تاڻ!
اجان آهي راتڙي!

* پيو سڙهہ سانياهي
اجان آيو ڪالهہ هـو!
سمنڊ چُلي جيئن مينهن ۾
اندر ايئن آهي
اجان آيو ڪالهہ هـو!

* آئون ڪو تارو اُڀ جو
۽ تون نديءَ تار
پرين تنهنجي ويجهڙو!

فراق هاليپوٽي جي شاعريءَ ۾ نہ رڳو خيالن جي نئين اُٿت پر احساسن جي نئين اُڇل سان گڏ موضوعات جي تازگي بہ آهي، هن ڪي لفظن جي استعمال جو درست ادراڪ ۽ موضوعن ڪي نياڻڻ جو سليقو بہ آهي.

سا قلندر ڇوڪري هئي جنهن
چيو:
اڄ اچي مون ڪي ڪنوارو تو
ڪيو.

منهنجي نظر ۾ سنگيت رس جي مڪمل ٿي وڃڻ ڪان پوءِ هو پنهنجي ٿهيءَ ۾ مون ڪي پڪ آهي تہ پنهنجي هڪ الڳ ٿلڳ جاءِ جوڙيندو. مهاڳ ۾ ڏنل شعرن ۾ جيئن هو اوچو بينو آهي، هو پنهنجي ايندڙ سڄي شاعريءَ ۾ اوچو ٿي بيهندو. هن جون ڪي ڪچايون جڏهن پنهنجي تجربي ۾ پچي راس ٿينديون تہ هُو هڪ پڪو گهڙو ٿي ويندو. اهو اعتماد مون ڪان وڌيڪ هن جي شاعري ۾ آهي، جنهن ڪي پڙهي روح رنگ رنگ ۽ اڪيون ڏيک ڏيک بنجي ويون آهن. واقعي جڏهن فراق جي شاعريءَ مون ڏي نديءَ وانگي نهاريو تہ لاڙ جي سورج وانگر منجهس لهڻ ۾ مون ڪي گهٽي دير نہ لڳي.

نديءَ وانگي نهاريو تو ۽ صوفين جيئن سنياريو تو،
لهي جيئن لاڙ ۾ سورج، ائين تو ۾ لهي
وياسين.

**وسيم سومرو**
نواب شاهه
مسيح جو جنم ڏينهن 2007ع

شاعر پاران:

## بلها ڪي جاڻان مين ڪوڻ!

شاعري ڇا آهي؟ آئون سمجهان ٿو تہ ان تي ڳالهائڻ/لکڻ جي ضرورت ناهي. ڇاڪاڻ تہ هي موضوع ڪو اڻ ڇهيو ناهي. هزار بار لکيو ويو آهي ان موضوع تي. هر رخ ۽ هر پهلو کان. هر لکندڙ جو پنهنجو رايو پنهنجو خيال آهي! شاعريءَ متعلق اهڙا ڪيترائي رايا يقينن توهان جي نظر مان بہ گذريا هوندا. سو آئون نٿو چاهيان تہ ان موضوع کي ڇُهي ڪنهن ورجايل خيال کي دُهرايان يا ٽي ايس ايلٽ يا شيخ اياز جا حوالا ڪٽي لفظن جا ڍيرا ڪولي پيو وچڙان ۽ توهان تي پنهنجي قابليت جو رعب ڄمايان. آئون بس مختصر ايترو ئي چوندس تہ شاعري سمجهڻ جي شئي ناهي، محسوس ڪرڻ جي شئي آهي. توهان ان کي ڪيئن ٿا محسوس ڪريو اهو توهان تي ڇڏيل آهي.

۽ پنهنجي شاعريءَ تي ڳالهائڻ کان پهرين آئون ٿورا مڃيندس، انهن دوستن جا، جن وقت بہ وقت منهنجي رهنمائي ۽ همت افزائي پئي ڪئي آهي ۽ هي ڪتاب ڇپائڻ لاءِ بہ مون کي همٿايو آهي. جن ۾ حاجي ساند، غلام حسين آريسر، نور چاڪراڻي، روحل ڪالرو، ابن ڪلهوڙو، منظور سمون، نصرالله جروار، عثمان راهوڪڙو، مقبول هاليپوٽو، محمد علي جروار، سيد جڙيل شاهه، مسافر هاليپوٽو، بشم ڪمار آزاد، فقير محمد انڙ، مجيب ناريجو، واحد پارس هيسباڻي، حبيب ملاح، سيد غلام شاهه ساحل، خالد ڪنڀار، عادل لغاري، سائين رمضان جوڻيجو، امير منڏڙو، شير محمد هاليپوٽو، مير الفت ٽالپر، ڏاڙهون ڏڪايل، نور احمد هاليپوٽو، سائين مير محمد هاليپوٽو، مير حسن دلواڻي، پارو مل امراڻي، آصف جمالي، سهيل ۽ حنيف سمون، امين ميمڻ، سائين مشتاق ۽ مبارڪ اياز هاليپوٽو، راڻو سنڌي، شاهد حميد، دلبر سنڌي، خليفو مصطفيٰ ڪلهوڙو، شڪيل راهمون، سائين اسماعيل ميمڻ، سائين نور سمون، سائين منير ناهيون، رزاق ٽالپر، مصطفيٰ جمالي، انور ساند، مجيد جمالي شامل آهن. اڙي ڏسو! اشرف پلي جو نالو تہ مون کان وسري ويو ٿو!

سائين تاج جويو، نور چاڪراڻي، حليم باغي، ايوب کوسو ۽ مصطفيٰ ارباب جا بہ ٿورا، جن منهنجي شاعري ۽ شخصيت تي پنهنجا ويچار ونڊيا آهن. ٿورا مانواري وسيم سومري جا بہ جنهن منهنجي نَنڍڙي گذارش تي بنهہ ٿورڙي وقت ۾ مهاڳ لکڻ جي حامي ڀري ۽ وڏ تہ منهنجي هيل تائين اڻ ڏٺل شاعردوست سعيد سومري جا، جنهن ڪتاب ڇپائڻ جي گورک ۽ پيچيده ڪم جو بار پنهنجن ڪلهن تي کنيو ۽ ڏاڍي خلوص ۽ پيار سان منهنجو هي پهريون تخليقي پورهيو ڇپائي اوهان آڏو آندو آهي. اهي بہ انهن تمام دوستن جا ٿورا، جن جا ٿورا مڃڻ لاءِ پنهنجي پاران بہ اڪر لکي رهيو آهيان نہ تہ فقط اڌ ڪلاڪ پهرين تائين منهنجو پنهنجي پاران لکڻ جو ڪو بہ ارادو ڪو نہ هيو.

ها، سو ڳالهہ پئي ڪيم پنهنجي شاعريءَ تي ڳالهائڻ جي. مون کي حضرت علي عليہ السلام جو هڪ قول ياد اچي رهيو آهي، ’پنهنجي باري ۾ توهان پاڻ ڪجهہ بہ نہ چئو اهو ڪم توهان جي اٿي وڃڻ کان پوءِ ئي ٿيندو.‘ سو پنهنجي شاعري يا شخصيت بابت آئون ڇا چوان!؟ اهو ڪم تہ توهان کي ڪرڻو آهي. ڀلا منهنجو چوڻ ڪو حتمي تہ ناهي، حتمي تہ توهان جي راءِ آهي، جنهن جو آئون شدت سان انتظار ڪري رهيو آهيان. ٻيو تہ ڊائلاگ بازي يا خوبصورت لفظن سان منڊڻ مون کي ايندو ناهي، منافقت ۽ مغروري بہ آئون بنهہ ڪو نہ ڄاڻان. زندگي جي عام وهنوار ۾ بہ آئون سڌي سنئين ڳالهہ ڪندو آهيان. سو شاعري هڪ تہ ڏاڍو گهرو ۽ حساس موضوع آهي.

ٻيو جي وسهو تہ :

هجي جا ڪاڻ خوبين جي ۽ عيبن کان بنهہ آجي،
نہ منهنجي زندگي اهڙي نہ منهنجي شاعري اهڙي.

**فراق هاليپوٽو**
C/o خواجہ جنرل اسٽور
نزد جامع مسجد ٽنڊو باگو
ضلع بدين
Mob: 0346 2917484
03332642253

حياتيءَ جي حسابن ۾ اسان الجهيا ڪڏهن ناهيون،
خريديو عشق جڏهين ڪان وري وڪيا ڪڏهن ناهيون.

اسان رولاڪ ماڻهن جي، نه پيرن کي پتو پئي شل،
فقط منزل کي ماڻڻ لئه، رڳو رُليا ڪڏهن ناهيون.

ايپيچند جي اکين جهڙي سموري سنڌ سرمد آ،
اسان هن عشق کي معنيٰ ڏيئي سگهيا ڪڏهن ناهيون.

اسان جو روح رلين جيئن سِبيو تو سونهن سان آهي،
وري تو ايئن ويڌاڙيو ، اسان اڌڙيا ڪڏهن ناهيون.

پٽائي پيد دنيا جا اسان تي ايئن چڙيئه کولي،
جهان جا فلسفا، منطق، وري پڙهيا ڪڏهن ناهيون.

اوهان اجرڪ جهڙيون ڳالهيون ڪريو ٿا ماگهه مهيني ۾،
اسان جي سوچ سانوڻ جيئن مگر برسيا ڪڏهن ناهيون.

ڪنهين ڪعبا مٿايا ۽ ڪنهين جا نظريا بدليا،
ڪيوسين عشق ڌرتيءَ سان، اسان بدليا ڪڏهن ناهيون.

هن بي ترتيب شاعر جي عجب جيون ڪهاڻي آ،
صفا آ سادڙو پر ڪيس سمجهي سگهيا ڪڏهن ناهيون.

❊

آئون پنهنجو پاڻ ۾ آهيان ڪٿي!؟
ڪنهن ٻـ ماپي ماڻ ۾ آهيان ڪٿي!؟

حُسن توکي پيو تپيو تاهي گهمي،
چڏ ۽ چاڪاڻ ۾ آهيان ڪٿي!؟

ڳوٺ تنهنجو آ سمهي مون ۾ رهيو،
ننبد ۾ نرواڻ ۾ آهيان ڪٿي!؟

ديگ دنيا جي دمي آهي پيئي،
عشق جي اڪراڻ ۾ آهيان ڪٿي!؟

شاعريءَ ڪان پيي اُتر ٿي جا گهري،
مان سندس واڪاڻ ۾ آهيان ڪٿي!؟

مون کي لاڙي سمنڊ سمجهي ٿي وهين،
پر مان ڪاري چاڻ ۾ آهيان ڪٿي!؟

تو مهاڻي جان پئي مون تي اُڇليو
وقت!* ڏس وانجهاڻ ۾ آهيان ڪٿي!؟

عشق+ - لاڪي جي اوڀاٽي شاعري،
پر پسيو پراڻ ۾ آهيان ڪٿي!؟

❊

❊ وانجهاڻ: ڇار
+ لاڪي ڦلاٽي جي پراڻ جي وٽن ڪي ڏنل اوڀاٽي ڏانهن اشارو

## عاشقيءَ بي ترتيب هوندي آ

بي ترتيب عاشقيءَ جي آغوش ۾ آهيان
دل درد جي پينگهه ۾ لُڏي ٿي
۽ هوءَ ڪاتارڻ جيان روح ڪٽي ٿي وڃي
زمانو پوءِ بہ سُٽ جيان الجهايو ڇڏي
حياتيءَ جي پاڇي ۾ پُڙي بچندي تہ پوءِ
وقت وندڙ ڪٽ لاءِ عشق جا عدد گهرندو
۽ منهنجو پاس ٽيڙ يقيني آهي!
شعور جي شاخ تي گلاب تڙيل آهن
تحت الشعور جون تل ترايون بہ پريل آهن
مسئلو رڳو لاشعور جي لاغرضيءَ پيدا ڪيو آهي
ان ڪري ئي بي ترتيب عاشقيءَ جي آغوش ۾ آهيان
اڪيون شهيد ٿيل منظر ٿيون ڳولين
چو تہ چانوَ بہ چوڪرين جيان اگهاڙي نہ هئڻ گهرجي
ماڻهو تہ معتبريءَ جو اوڇڻ ٽا اوڍين
باقي محبت ڪي مسڪين پار جيان
چتيون لڳل لباس پارايو اٿن
ڪو بہ هن دؤر جو نوحو نٿو لکي
باقي چسي زندگيءَ سان هرڪو هم ڪلام آهي
دنيا دولت جا دهل ٿي وڄائي
۽ آئون بي ترتيب عاشقيءَ جي آغوش ۾ آهيان.

❊

## گيان جي برف باري

روح گيان جي برف باريءَ ۾ ترندو رهي ٿو
پر راڳ مون کي اُڊيڙي ڇڏيو آهي
زندگيءَ جي ٻانهنِ ۾ ويساهہ جون هٿ ڪڙيون آهن
پوءِ بہ اختلاف جون دوائون کائيندو رهان ٿو
اُجاري ماڻهو ۾ آڪڙ ناهي هوندي
اهو سوچي هُنن منهنجي ٽاڪ منجهند خريدي
پر ڪوڙا سڪا سندن ننگائپ جو پرم ٿي نہ سگهيا
ڪشڪول پنهنجي مُنهن کِلي پيو
ماڻهن کٽي پهاڪن جي ڳچيءَ مان جهليو آهي
دؤر چوي ٿو اهو فراريت سان مذاق آهي

تقدس جي نديءَ ۾ پاڻي ناهي رهيو
ڏاهپ جي بارش پوڻ بہ وسندي رهي ٿي
اجايل هرڻي جي موت جي خبر
ڪنهن بہ اخبار ۾ جاءِ والاري نہ سگهي
پر خارش ۾ ورتل ڪتي جهڙا ليڊرن جا بيان
ديس کي اکين جي بيماريءَ ۾ مبتلا ڪري رهيا آهن
وقت جي نبض تي هٿ رکندڙ چون پيا
سانحا ديپڪ راڳ جيان ٻري رهيا آهن
۽ راڳ مون کي اُڏيڙي ٿو
روح گيان جي برف باريءَ ۾ ترندو رهي ٿو.

❊

مٺيءَ جان تون ڳوهي مون کي ڳالهڙين سان،
ڳِهڙيءَ ۾ گهڙي جان گهڙيو تي رکين!

جنڊن جي پڙن ۾ جواني پيي ايندي،
ائين تون چنڊيو ۽ چڙيو تي رکين!

عمر کي آ چاڙيو اُنن جيئڻ اسان،
ڪلي تون تہ تنهن تي ڪڙيو تي رکين!

پگهر سان پگهاري سندم عشق کي،
جوانيءَ ۾ جانان! جڙيو تي رکين!

سوٽهاڙن کي ايندو نہ هي سمجھ ۾،
ڪڙي ۾ ڪوي ڪيئن ڪڙيو تي رکين!

اڏيو مون کي اکرن اوڏڪي هو پت جان،
وري چو تون ڏاهيو ڏڙيو تي رکين!

زماني خريديو ڪفن ۾ اسان کي،
تون هاڻي چو رويو رڙيو تي رکين!

❊

تو وهنجي پنهنجا وار چنڊيا ۽ شهر پڄي ويو بارش ۾
سپ مهڪي منهنجا گيت پيا ۽ شهر پڄي ويو بارش ۾

ڪلهه مرڪي تنهنجي جوين جا، سپ راز ڏٺا ها آئيني،
تي شام جا ڳاڙها ڳل ويا ۽ شهر پيجي ويو بارش ۾.

چو هوليءَ واري ذينهُن سڪي! نيرو وڳو پائي نڪتي آن؟
سپ رنگ اڇي تو سام پيا ۽ شهر پيجي ويو بارش ۾.

هي ڪنگڻ تنهنجي ٻانهُن جا، تا چنڊ چيڙائن رات سڄي،
اڇي تنهنجي چنر ۾ تارا لڪيا ۽ شهر پيجي ويو بارش ۾.

اڄ تنهنجي اکين ۾ ڳهر آهي، اڄ ڪنهن تي قضا جو قهر آهي،
سپ مئخانا تي مقتل ويا ۽ شهر پيجي ويو بارش ۾.

اڄ داسي تنهنجي ايندي ئي، تي مندر خوشبو خوشبو ويو
تو پاٽ ڪندي ها نيڻ پوٽيا ۽ شهر پيجي ويو بارش ۾.

❊

پنڇين جهڙا پيار
توڪان ڇا وسري ويا!؟

لاڙي ڪنڌ ڳُلهن تي،
ننڊ جا ڪيپ خمار
توڪان ڇا وسري ويا!؟

رهنداسين ٻئي چنڊ تي،
اهڙا قول قـرار
توڪان ڇا وسري ويا!؟

ويني ويني پاڻ جا،
دريا جهـڙا آر
توڪان ڇا وسري ويا!؟

❊

ڇڻ سازن سماڏي
رهڙڪي ۾ راڳ هيا
’ڪنور‘ جا ڪانڌي

Anti war poetry

’اڇي گهر‘ مٿان اڏامندڙ فاختائون+
خودڪشي جو ڇو ٿيون سوچين؟
جنگ جو ٻارڻ عراقي ٻار ڇاٽن تا
پينٽاگون جو وس هلي تہ
پوپٽن جي پرن کان رنگ کسي وٺي
ڦوڪ ڏيئي چنڊ اُجهائي وڃڻ وڏائي چڙهي
بش کي رت ۽ تيل جي ضرورت آهي
هڪ گلاس رمسفيلڊ جي هٿ ۾
۽ ٻيو جارج ٽينٽ پري رهيو آهي
زيتون جي ٽارين جا ڇانگيل پن
عراقي ٻارن جي ننڊ جهڙا ٿي ويا آهن
پوءِ بہ هو چون ٿا تہ جنگ جي چرخي تي
اوهان جي آزادي اُٽي رهيا آهيون
وان گوگ! فاختائن کي خودڪشي ڪرڻ ڏي
ڇو تہ عراقي ٻارن جا رت ۾ رنڱيل زخمي هٿ
ڪين هاٽي آزاد فضائن ۾ اڏاري نٿا سگهن.

❊

+ اڇو گهر: وائيٽ هائوس

اسان جي روح ۾ جيڪي، پرين! ڳالهيون رهيل آهن،
ڪڏهن سي گيت ٿي آيون، ڪڏهن ٿيون سي غزل آهن.

پلي آڪاڙ جا سچ! تون اسان لئہ ئي اُماڙي ٿيءُ،
پرينءَ جي برف يادن سان ، اسان جا پل ڍڪيل آهن.

زمانو ڏن پنيان ڊوڙيو اسان بس گيت پئي ڳاتا،
عمر ناهي اجائي ويئي، سمورا پل سڦل آهن.

ڪري ڪامڻ وئينءَ اهڙا، وجهي ڏانوڻ وئينءَ اهڙا،
اسان جي جيءَ جوڳيءَ جا، اجان منتر منڊيل آهن.

سموريءَ لاڙ جا نيرڳ، اسان کي ٿا ميارون ڏين،
ڍنڍيون مقتل بڻيون آهن، شڪارين - هٿ ڪُٺل آهن.

ٻڍي جي مينهن ۾ جانان! گهٽيءَ مان تون تہ گذري وئينءَ،
اسان جا عشق اجرا ڪيا، اوهان جي ٻت پنل آهن.

اجا ڏس منهن انڌيرو آ، تون هينئر ئي وڃين ٿي ڇا؟
اجا پيا چپ چميون گولين، اجا ڳالهيون رهيل آهن.

❋

## چانوَ چايا دڪ مايا

وڻ سنجيدگيءَ سان سوچن ٿا
چانوَ جو لهجو نرم آهي
پکين جو قومي ڌڻ ياد ٿو اچي
ته رولاڪ پٽي جي بنسري وڄڻ ٿي لڳي
آئون رستن جا زخم ٿو ڳڻيان
۽ هوءَ اري ۾ پيل زمين جيان
بارش جو انتظار ٿي ڪري
ڇو ته چانوَ جو لهجو نرم آهي
پر پکشو جي پيٽ ۾ تنبورو ٿو وڄي
ماني جي تصوير سندس اکين جي نديءَ ۾
شاعر جي لڙهندڙ لاش جيان ٿي لڳي
چانوَ جي بقا جي مسئلي کي منهن ڏنوسين
ته وري اُس حامله ٿي ويئي
روشنيءَ جو تقدس ڪنهن به برقرار نه رکيو
رولاڪ هوائن ۾ ردم ناهي
چانوَ ته هڪ سُر ۾ ڳائي ٿي
پر وڻن کان ته راڳ وسري ويو آهي!
۽ وڻ انهيءَ سانحي تي سنجيدگيءَ سان سوچين ٿا
ته چانوَ جو لهجو نرم ڇو آهي؟

❋

توکان جو جدا ٿياسين،
صحرا جي هوا ٿياسين.

سونهن کي ئي اسان پوڄي،
گيتن جا خدا ٿياسين.

هر شام اسان تنهنجي،
هٿڙن جي حنا ٿياسين.

ڪڪرن سان چني ياري،
توهر جي انا ٿياسين.

ڪنهن پار سڪايل لئه،
ميلي جا وڳا ٿياسين.

تون سنڌ جيان آهين،
تڏهين ته سويا ٿياسين.

ٽو لوڪ پڇي، چالڻ.
ٿي ۾ ننگا ٿياسين.

❊

ڪيڏا اونها ڏک!
تو وٽ ڪيڏا روئڻا،
مون وٽ ڪيڏي بُک!

چانڊنيءَ ۾ اڱڻ تي جو چوڙيءَ چيتا،
ڪير ڏيندو اسان کي اسان جا پتا!

تون نديءَ جان منهنجي گهر اڳيان ٿي وهين،
چنڊ کان نيڻ هن مون اُڏارا وتا.

مان رفيع جي صدا ۾ صدين کان ٻران،
تون ڪٿي آن، ڪٿي آن، او منهنجي لتا!؟

خواب تنهنجا ٿا ڳُهرجن منهنجي جيءَ کي،
رنگ تنهنجي ئي ڳالهين جا پهرين ڪتا.

پنهنجي جوين تي آڪاڙ آهي سکي!
وار ڪولي ڇڏيو ، ڏينهن ڳهَتجن تتا.

تون پڙهي، مرڪندي، ڳل چمڻ لئہ ڏئين،
منهنجي شعرن جي آ، هيءَ وڏي سقلتا.

عشق سيني آ نظرين تي حاوي ’فراق!‘
چا جو آئينُ، قانونُ، چا جا مَتا!

❊

## ڪامريڊ سوڀي کي پيتا

اورانگهي اتهاس
ڏاهر آئين ڏيهہ ۾!

اڄان هٿ اروڙ تي
ساڳي رات اماس

ڏاهر آئين ڏيهه ۾!

ساڳيا ڪوپ قوم تي
ساڳيا ٿنگيل ٿياس
ڏاهر آئين ڏيهه ۾!

آهين تون ازل ڪان
آزاديءَ ـ احساس
ڏاهر آئين ڏيهه ۾!

جر ڪايو تو جوت سان
اونداهو آڪاس
ڏاهر آئين ڏيهه ۾!

❊

پکين جي ئي اکين سان مون، ڏٺا هن لاڙ جا منظر،
’وڏا وڻ ڳوٺ تنهنجي جا‘، ڇڏي پر ڇانءَ چو آهي!؟

ڇُري ڇڻ ڇاڇرو پيئي، ڪتياڻي خواب پنهنجي ۾،
پريو پر پرت پوڄاڪر تي پيلڻ پانءَ چو آهي!؟

سکر جي ساڌ ٻيلي وٽ، صديءَ جي سچ پڇيو ٻڌندي:
’پڙي واري پاٽياريءَ جو گهنگهر ۾ گانءَ چو آهي!؟‘

نہ آن جي ٻاڳ ۾ جانان! ڳنڍي پو سوڻ سوچيان ٿو
ڇڏي سپ ڳوٺ، گهر منهنجي، لنويو پوءِ ڪانءَ چو آهي!؟

مٺيءَ جا تو ڏيئا ناهي، مٺيءَ ۾ ڪلهه وڪيا ويٺي،
اجايل ٿانءَ جيان تنهنجو ، ندوري نانءَ چو آهي!؟

ڪنيئہ ڪلندي ڪنج ڪوهه تي، جوانيءَ بي ڏيانيءَ ۾،
ٻيڙا ٻوڙڻ لئہ ٻانهياري، هي ههڙو ڏانءَ چو آهي!؟

اجايل مور جون اکيون، نهوڙي ننڊ کي ويئيون،
پکين جو روح ۽ مون کي هرڻ جو هانءَ چو آهي!؟

❊

سارو ڏهر ڇڙا

سانوڻ واري مينهن ۾!

آئون بہ آواڙو اُجيو
توِوٽ مٽَ گهـڙا
سانوڻ واري مينهن ۾!

هيل بہ ڪوڪڙ تو سواءِ
ڪيڏا ڏس تہ ڪـڙا
سانوڻ واري مينهن ۾!

تنهنجي هوندي چو هٽان
خدا ڪي تہ ڪـڙا
سانوڻ واري مينهن ۾!

پهريون ڏوتو ڏوپ تو
مرڪيا گج پـڙا
سانوڻ واري مينهن ۾!

پـهرن - پاچاريون بہ پر
جوين سپ جـڙا
سانوڻ واري مينهن ۾!

❊

مون ڪي توسان من اندر جون ڳالهيون ڪرڻيون هن،
ڪڪرن سان جڻ ساري ٿر جون ڳالهيون ڪرڻيون هن.

تنهنجي ڏاهپ هُن جي من ۾ وڏَ وڏا يا شعورُ ڏنو؟
ويهہ پڻائي! توسان تمر جون ڳالهيون ڪرڻيون هن.

چيڪي مٿي ڳوهي ڪنيارڻ ڪالهہ بہ ٿاهيا مٿيءَ ٿانوَ
توسان تنهنجي حُسن، هنر جون ڳالهيون ڪرڻيون هن.

خواب اسان ڪي ڏيکاريا ويا، جن جي ساپيا رُج هئي،
هڪ تہ نہ آهي، هر ليڊر جون ڳالهيون ڪرڻيون هن.

[+]دور اگهاڙو ملان قـويءَ جيئن پل تہ ڪٽي آگـر،
مون ڪي سرمد توسان ڪفر جون ڳالهيون ڪرڻيون هن.

مانجهي ٿورو ڏيري هلائي ڏيمي وهڪ نديءَ جي آهي،
لهندڙ سج سان لهر لهر جون ڳالهيون ڪرڻيون هن.

زلف هوا ۾ لهرايا تو خوشبو سارو ڳوٺ ٿيو پر،
توکي ڪنهن سان پرهہ پهر جون ڳالهيون ڪرڻيون هن.

❊

+ ملان قوي: جنهن فتويٰ ڏني هئي تہ سرمد واجب القتل آهي.

ڪجين هيٺان ڪلي آهين، اهو نيرو تہ سِرِ نيندو،
اُماهيل مٿ جهڙو جوين، جهڙالي ٻيو هوا آهي.

مڏي نهيرو نہ ماٺي آ، لسي تنهن وٿ ئي گهاٽي آ،
رڳو دليون ولوڙي ٿي، ڪلمي سان! قضا آهي.

اڳٿ ۾ عشق اُٽيل آ، جوانيءَ - راز رومالن ۾،
اڪين سان گڏ اماٽيا ٿئي، هاٽي بس لوڪ لڇا آهي.

ڳهريل ڳوٺ آ سارو، خماريل سپ ڪبڙ پيي هن،
اچين پيئي ناوَ جيان ترندي، جواني هر ڏسا آهي.

جڏهن پيي سمنڊ جان ساريم، نديءَ وانگي نهاريو ٿي،
عشق تاري اڪين ۾ تو ، ٻوڙي ساري دنيا آهي.

اُٽي ويو عشق آ جنهن کي، انهيءَ کي ڪو اُڊيڙيندو؟
حياتي هونئن پلا چاهي، رڳو ڏاڳا ڪچا آهي!

پري ٿي خيال گيتن ۾، اسان ويهي اتاريون ٿا،
اسان جي شاعري جنهن لئہ، سندس سا ئي خدا آهي.

❊

مياٽيءَ جي گلابن جيئن، اڪين ۾ عشق ٿو مهڪي،
ڏنوسين ڄام شوري ۾، سڪين ۾ عشق ٿو مهڪي.

وئي سارين جي ويهر تي، جوانين کي لُٽي آئي،
دلين جي پيئي دڙائي ٿئي، ٻنين ۾ عشق ٿو مهڪي.

سياري جي صبح ٺاٽي، رڳو مرڪي نهاريو هُن،
سموري ڳوٺ ۾ ڳالهيون، ڳلين ۾ عشق ٿو مهڪي.

ڪِلي ڪڻ پئي هنيا هُن يا اندر منهنجي اديڙيو پئي،
رڳو ٿي رات کي ساري، رلين ۾ عشق ٿو مهڪي.

ٿي ڏوئي ڏوپ هوءَ پهريون، پڙي کي ٿو چوي پاٽي:
سجڻ جئن جئن سنياري ٿي، ندين ۾ عشق ٿو مهڪي.

بظاهر هوءَ لڪندي آ، مون کي نوٽس اماٽي ڏي،
مگر مون کي خبر آهي، چنين ۾ عشق ٿو مهڪي.

رڳو آ شور گاڏين جو گھٽي ٽو ساھ کي دونھون،
مگر هن شهر ظالم جي، درين ۾ عشق ٽو مهڪي.

❊

## زخم لُٽڻ جي موسم

هيل رڳو پنهنجا زخم لٽيا اٿم
پوءِ به تنهنجي محبت جو فصل دل ۾ پوکيندو رهان ٿو
۽ هيل درد جي انجيل جا وڏيڪ ورق پڙهيا اٿم
۽ رڳو محبت جي مدار ۾ ڦريو آهيان
به پُڙي اجرڪ جهڙي خوبصورت زندگي
هاڻ ڦاسيءَ جو رسو ٿي لڳي
پوءِ به تنهنجي سونهن جا سرها ساھ سوچي
جيئڻ جي جستجو ۾ لڳا پيا آهيون
آئون ڏامر جي تتل روڊ تي هلندي سوچيان ٿو
واھ جي ڪناري تي بيٺل وڻن ۾ لڏندا هياسين
پوپٽن جهڙو اهو وقت به اڏامندي گذري ويو
هاڻي جيون جيل جي اهڙي ڪوٺي ٿو لڳي
جيڪو اصل ۾ مڇرن جي ملڪيت آهي
گوتم جي ننڊ جهڙو پرسڪون وقت پولارن ۾ وڃائي
هاڻي هڻ هٽان ۽ وٺ پڪڙ جا وال پيا ماپيون
تو به ته هيل گهنگهرن جي گهاگهر پري موڪلي آهي
پيڙا جو پاڻي پيئندي سوچيان ٿو
هڪڙو تنهنجي دوري، ٻيو زمانو به چڻ سگري
جي هيل خودڪشي جي خبر ٻڌين ته سچ سمجهجانءِ
توٽي جو ڏهاڳ جا ڏينهن گهٽا هن
پوءِ به شڪايتن جو شور نه ڪيو اٿم
۽ هيل تنهنجي ماٺي ۽ مرڪ جي موسم به ته نه آئي
تنهن ڪري هيل رڳو پنهنجا زخم لٽيا اٿم.

❊

## بارش جو خواب

هنن کي بارش سان همدردي آهي
هنن گهاٽن وڻن جا تار وڍيا
۽ پکين کي قيد ڪيو
مون ته رڳو پيڙي گروي رکڻ تي
پاڻي سان احتجاج ڪيو
هو بارش کي ٻڌائن پيا ته
چوڙين جي عجيب عادت تي نظم لکي
آئون سندس حق ٽو ماريان
پر مون ننڊ کي التوا ۾ رکيو ته
آڪيرن سان منهنجو رشتو جُڙي پيو
پوءِ مون چوڙين جا رنگ وڪڻي بارش خريدي

۽ آڪيرن ۾ لڳل آڳ اُجهائي
پکين لاءِ آسمان هموار ڪيو
هو پنهنجو وقت آرسيءَ جا خواب ٽوڙي ٽا گذارين
۽ آئون بقايا وقت ۾ ٽري لوڪ گيت ٿو ڳايان
چو تہ بارش منهنجي اندر ۾ ٿي وسي
هنن ڪي بارش سان همدردي آهي
پر آئون تہ بارش جو خواب آهيان.

❊

اجان اجرڪ ئي اوڇڻ آ، رليءَ جا راز ڇا ڄاڻان!
وڃي ٿي ڪيئن جواني ۽ سمورا ساز ڇا ڄاڻان!

اوهان ڪي عشق چنڊيو چڙيو رَيَڻِ جئين روح منهنجو ٿيو*
خدا، خودي، حقيقت ۽ مَـرين! مجاز ڇا ڄاڻان!

دريا وانگي رُلي ٿو هُو، ملهار وانگي ملي ٿو هُو،
رولاڪن جا ۽ راڳن جا، اُهي انداز ڇا ڄاڻان!

'راڻا سر' جي روهيڙن ۾ رهيل هڪ رات ساريان ٿو،
ڳلن تي ڳل رڳو ڳالهيون، پريان آواز ڇا ڄاڻان!

ڪيوسين عشق تي ويسهہ، دنيا دريا تري وياسين،
ٻڌيون ٻيڙيون خبر ڪهڙيون، جهريا ڀي جهاز ڇا ڄاڻان!

اسان بس سونهن سچ ۽ سنڌ، سٽن ۾ پيا سمايون ٿا،
چريو دهريو ملڪ دشمن، اجا اعزاز ڇا ڄاڻان!

❊

❊ اسان کي عشق سارين جيئن
چنڊي ڦوڪي چڙي ٿو ڀيو. (حسن درس)

درد جيئن جيئن وڌي رهيو آهي،
چين تيئن تيئن اچي رهيو آهي.

پيار ڪريان تہ ڪيئن ڪيان آخر،
هت تہ انڌو بہ ڏسي رهيو آهي.

اڄ جي هن ائٽمي زماني ۾
ڪوئي ڪنهن لاءِ جي رهيو آهي.

بُک استال تي اچي غريب ڪوي،
اگهه ڪتابي پڇي رهيو آهي.

رت ۾ پي ردم پيو پانيان مان،
راڳ اهڙو وڄي رهيو آهي.

چنڊ - نيڻن جو واچي اوجاڳو،
سمنڊ جهو لو جهلي رهيو آهي.

اڄ تيهين سن ۾ سن جي متيءَ ڪي،
هر ڪو سنڌي چمي رهيو آهي.

هٿ منهنجا ڪپي هو منهنجو دوست،
ڪري مون سان ٻـڌي رهيو آهي.

❋

## شاعر جي خواب جي قيمت ڪنهن وٽ آهي!؟

شهر جي آخري چوڪ وٽ
هڪ شخص خواب پيو خريدي
هڪ هاري پنهنجا سڀ خواب وڪڻي
پنهنجي ذاتي زمين ۾
هڪ ڏيگن جو جوڙو ورتو آهي
هڪ زميندار پنهنجا سڀ خواب
۾ ڪجهه زمين وڪڻي
هڪ نئين پيجرو ۾ ڪرسي ورتي آهي
هڪ استاد پنهنجا سڀ خواب وڪڻي
پنهنجو قرض لاٿو آهي
هڪ پوليس وارو پنهنجا سڀ خواب وڪڻي
*گلزار چنو ٽيو آهي
۾ هڪ شاعر
پنهنجا اوجاڳا ۾ شاعري وڪڻي
هڪ ڇوڪريءَ جي چمي تو وٺڻ چاهي
پر هو شخص ڪيس چوي ٿو
مان خواب وٺندو آهيان
وڪڻندو ناهيان.

❋

- گلزار چنو : ويجهي ماضيءَ جو هڪ ظالم صوبيدار.

رات ازل کان ڪنواري آهي
وڻ زمين جا خواب آهن
۽ وڻن جا خواب ڏينهن چاڙهي ٿو ڇڏي
پاڇن جي خاموشي سورج جي دانهن آهي
ڌرتي ڪنواري ناهي
جو تہ هُن پاڻيءَ کي جنميو آهي!
بارش جون اکيون ڌرتيءَ کي
عورت جيان ڏيون پاسن
سمنڊ رشتي ۾ زمين جو ڇا ٿو ٿئي؟
هوا کي ڪي ئي انهيءَ جو پتو آهي
چنڊ جو وارث سمنڊ ئي آهي
رات وٽ ڪو بہ بسترو ناهي
رات ازل کان ڪنواري آهي.

❋

## توهان جو اڄوڪو ڏينهن ڪيئن گذرندو!؟

هُو لاوارث پوڙهو جيڪو اڄ
ٽي بي وگهي ڪنگهي مري ويو
تنهن لاءِ سندس ستاري جو چوڻ آهي تہ :
’پين کي متاثر ڪرڻ لاءِ رنگين ڪپڙا پهريو
پروجيڪٽ مڪمل ڪرڻ تي زور ڏيو
ان لاءِ ٻاهرين ملڪ جو سفر ضروري آهي
ڪاروباري دوستن سان ڊنر ۾
سندن صلاحون توهان لاءِ مددگار ثابت ٿينديون.‘

❋

ايڏو اڄ آهہ سيءُ
ڪنبن منهنجا انگڙا!

پرڏيهہ وئين چوپوهہ ۾
هيڏو هاڃو هيءُ
ڪنبن منهنجا انگڙا!

اتر تہ اوتون پيو ڪري
ٺورو ويجهو ٿيءُ
ڪنبن منهنجا انگڙا!

آئون بہ ماتي مدَ جي
ايـڏو اڄ نہ پيءُ
ڪنبن منهنجا انگڙا!

هُو جي ناهي هيل پوءِ
نرجا جيءَ! نہ جيءُ
ڪنبن منهنجا انگڙا!

❊

ڪفر منهنجي ڪان ڪنارو تو ڪيو
عشق کي پنهنجو سهارو تو ڪيو.

روح ۾ سا رات پيئي آ رهي،
جنهن ۾ سياري کي اونهارو تو ڪيو.

چو نہ وهتينءَ ۾ نہ ڪلئين ڪوهہ تي،
هيل بارش کي اُجارو تو ڪيو.

سانوٽي ۾ ڪنهنکي ساري جئن رُنينءَ،
ڪائناتن کي ڪيڏارو تو ڪيو.

مون مهاٽي جي ڏنو پئي اک سان،
کک کي خوشبوءَ جو ڪارو تو ڪيو.

سا قلندر چوڪري هئي جنهن چيو:
اڄ اڃي مون کي ڪنوارو تو ڪيو.

ڇڻ پلي هي حال ٿئي ڪهڙا ڪيا؟
پڇ نہ مون ڪان ڪئن گذارو تو ڪيو!

❊

## ڪير خريدي بارش کي!

مان اوجاڳيل اکين جو آسمان آهيان
هوءَ نيرين اکين واري چوڪري
نديءَ جي جوانيءَ جو راز آهي
وقت پل جيان اڏجي تو وڃي
موسمن جي مرتئي تي لڪيل نوحو
مصروفيتن جي دست بن ۾ محفوظ آهي
اکيون هارين جيان قرضي آهن
تڏهن تہ هن پوڙهائپ کي قتل ڪيو آهي
لاتعلقي جا ڏيئا ٻرندا رهن ٿا
پر عجيب تعلق جي شام اداس آهي
هوءَ مرڪي برف باري ۾ خلل ٿي وجهي
خطري جا گهوگهو پاڻ مرادو ٿا وڃن
خطن جو حاضمو درست ناهي
ٽيليفون کي بہ سائرس ٿي پيئي آهي
نياپا مرٽينگ ڪڙڪيبتي جي روشني آهن

ٿوهر هيٺان ننڊ

۾ خواب تباهہ ٿيل شهر جو نوحو آهن
ننڊ ڏڪاريل ڏيهہ جو سڪل وڻ آهي
بهار ڪي ڪير وياج ڏي
۾ بارش خريدڻ جي سگهہ مون ۾ بہ ناهي
جيون انڌي ڪوريءَ جو الجهيل سٽ آهي
چو تہ اوجاڳيل اکين جو آسمان آهيان.

❋

نديءَ تي نينگريءَ سوچيو جوانيءَ ڪي آ جهلَ ڪهڙي!
تري تارُوءَ جيان جي هُو تہ چولين جيئن ڇُلان آئون!

ندورو نينهن تنهنجو جڻ چيرايل شينهن ڪو آهي،
اجل جيئن اوچتو آيو ڪٿي هاٽي لڪان آئون!

ڪٿيءَ جي خواب جهڙي ڪل، ڪولهڻ ـ ڪاتر جيان اکڙيون،
رنگن ۾ روح ٿو وهنجي ۽ اقٿ ٿو مران آئون!

اجان لُـڙڪيون نـ هن ساريون، ڪٿيءَ ۾ دير آ ڏاڍي،
وجين ٿو لاڙ لاباري، هتي جوپن لُٽان آئون!

بہ تي ڏينهن آرُ هـو تنهنجو دريا وانگي لهي وئين تون،
اري واري زمين وانگي، وري پيئي سُڪان آئون!

ٻڌي احرام محبت جا، ڪيان طواف پئي تنهنجا،
مون ۾ آهين پرين تون ئي ڇئہ پو ڪيئن جُهڪان آئون!

وڳو ڪنهن ساز جيان آهيان، عشق مون ۾ زخم پوڪي،
لُٽي ٿي شاعري تن ڪي، سَـٿا ٺاهي رکان آئون!

پڪا پيرون ٿئي ڳالهين جا، رکان چوندي ٿو ڊائري ۾،
جدائيءَ جي ڏينهنِ ۾ سي، ڪري ڪوڪڙ ڪاوان آئون!

رهي پئين سنڌ ۾ ’سوپيا!‘ وطن جا وڻ ڏسين ويٺو
چيو پئي ڪالهہ ’ڪيرت‘ ائين هتي سنڌ لئہ سڪان آئون!

ندوري ننڊ ڪي چاهي، سدوري سنڌ ڪي چاهي!
ڪوهن جيئن خواب ڪارا ٿيا، پـڙن جان ٿي پُـران آئون!

بہ تي پل ويهہ ڊاہو ڪر، ٿڪل اڄ اٿ آهہ تنهنجو
لڪن ۾ لُڪ هئي ڏاڍي، گهڙي ڪن چاڻءُ ٿيان آئون!

اسان پي ديوتا وانگي ڪڏهن پوڄيا ويا هئاسين،
چٽيا هن عشق چٽ مون ۾، پيو ساڳيو جهڪان آئون!

اُڏاڻي اک آڙيءَ جان، پريان تون ڊنڊ وانگي آن،
ستارا پيا چُلن تو ۾، ڪٿي هاڻي لهان آئون!

هئاسي ڏينهن مڏماتا، جليا ۽ پئي وساميا سين،
ڏيئي وانگي اُجهامي وئين، چندن وانگي ٻران آئون!

پڇيون مخمور صوفيءَ کان پئي مون عشق جون رمزون،
چيائين دور دردن جا ۽ سبق سورن پڙهان آئون!

اوهان بن پاند پالهو آ، رتون آيون بہ ڪانگهاريون،
وجهان ڪيئن ميٽ مٽي ۾ نموريون ڪيئن لڙهيان آئون.

باڳي واهہ جي ڪپن تي جا سڳنڌ سرهيل گلن جي آ،
چيو پئي ڪالهہ سونيتيءَ، هوا ۾ ٿي هُران آئون!

❊

## شهيد سميع الله ڪلهوڙي جي نانءُ

پوئين پهر صليب تي
توکي سنڌ سڏي پيئي!

موڪيءَ - وٽا مڏ جا
سپ ڪو سڏَ ڪري
توکي سنڌ سڏي پيئي!

چيرون چوريءَ - پيرِ ۾
نانگو ڪير نچي!
توکي سنڌ سڏي پيئي!

ايـڏي اُڃ ڪٽي پلا
رڻ ۾ ڪير رهي!
توکي سنڌ سڏي پيئي!

مانجهي ننڊ نهوڙيا
پـتـڻ آهـي پـري
توکي سنڌ سڏي پيئي!

هيل تہ بدي رُت ۾
ڏاڍو ڏينهن تپي
توکي سنڌ سڏي پيئي!

مورڙو بہ مانگر وات ۾
'سيران'* سور سهي
توکي سنڌ سڏي پيئي!

ڏياچ نہ ڪوئي ڏيهہ ۾
سُرندو سڏ ڪري
توکي سنڌ سڏي پيئي!

❊ سيران: مورڙي جي پيٽ

نديءَ　وانگي　چُلي　آهين!
اکين　کي　اُڃ　آچي　پوءِ
اوهان　جا　خواب　تڙڳيا　پئي
دلين　کي　رُڃ　آچي　پوءِ

اسان　وٽ　عشق　جو　تصور
فنا　۽　ارپنا　آهي
اوهان　وٽ　سونهن　پنهنجي　جي

پرين کهڙي معنيٰ آهي!؟

اوهان جي عشق آڏاٽي
اُٽيو هي من آ منهنجو
آئي ٿئي بهار جوڀن تي
چئين تہ واسيان ون تنهنجو

لهن ٿا لاڙ ۾ نيرڳ
پرين آ پوهہ جي موسم
اسان سنڌو جي واري هون
اوهان وٽ چوهہ جي موسم

اڪيلو سمنڊ سازن جيئن
وڄي ٿو پاڻ ۾ پل پل
پيئڻ جيئڻ کهڙو کهڙو
اوهان وٽ پيار نہ پايل

هُري خوشبو ڪا هردي ۾
اوهان جي سار جيئن آئي
جبل جو چڙ تہ جهرٽو هان
جڳن کان آ شناسائي

پاتي تو روح ۾ جهاتي
ربابن جيئن وڄي وياسين
پريئي جيئن جهول گيتن سان
زماني ۾ هٿو هٿ پوءِ
گلابن جيئن ڪڄي وياسين.

## رولاڪ خيال جو خيمو

پير آوارگيءَ جو فن ڄاڻن ٿا
پر رستن کي ذخيرو ڪرڻ جي خواهش ۾
اُجايل اڪين جي پنڌ جو الميو ساري ناهن سگهيا
دل چاندبوٽن جي مزارن تي ڏيئا ٻي ٻارڻ چاهي
چو تہ روشنيءَ جي پنڌ جا هو بہ ساڪي آهن
پيٽ تي ڳنوار بوٽيندبو ٿو وڃائي
سانيڪي ڪوهہ ۾ چنڊ جو عڪس
اهي ٻئي منظر آڌي رات پرين جي ڳوٺ ويندڙ
شخص جي پيرن لاءِ ڄڻ تہ شاعري آهن
آئون ڳهيلي من کي خيمي ۾ ٿو وٺي اچان
هٿ گذريل ڏينهن کي ڊائري تي ٿا پوکين
ڊائري آوارگيءَ کي گمناميءَ کان بچايو وٺي
سپ منظر اکيون ڏوگهي ٿيون وڃن
پوءِ بہ اُجايل ٽرياٽيءَ جيان سندن تاس ناهي اُجهي
نتيجي ۾ پير جهڳڙالو خانہ بدوش چوڪريءَ جي
اندر جي آنڌ مانڌ ۾ بي چينيءَ کي جائز ٿا قرار ڏين
ٽائيم سان ٿهي هلڻ اکين جو ڪم آهي
دل تہ رڳو پيرن تي حڪم ٿي هلائي
۽ پير آوارگيءَ جو فن ڄاڻن ٿا.

❊

## آئون ڪپڙن کي اگھاڙو ڪرڻ نٿو چاهيان

اگھاڙپ انسان جو پهريون لباس هئي
جيڪو اڄان ڪيترائي برقرار رکيو اچن
هتي خيال ننگا ۽ اڪيون اگھاڙيون آهن
عورت جو تقدس حمام جيترو به ناهي رهيو
ننگي سوچ کي اکيون ناهن هونديون
بدن جي بک رت تي پيئي
رات زنا جي شهر جا دروازا تي کولي
عورت اڪيلي بيٺل آهي
مرد کي سمنڊ جيتري لُڇ آهي
عورت تہ رات جي بارش آهي
هتي دل دل ۾ چڪلو آهي
جسمن جي ڊڪ تيستائين بي معني آهي
جيستائين خواب ننگا آهن
اڪيون عورت جي بدن تي ڇهل قدمي تيون ڪن
۽ فاختہ جهڙيون عورتون بہ
هوس جي دهشت گردي جو شڪار آهن
سفيد ڪپڙن ۽ خاڪي مان مرتبي تي
عورت جون اڪيون تيون جاڳن
اگھاڙا خيال سفيد ڪپڙن جي توهين آهن
۽ مان وڏيڪ نٿو چوڻ چاهيان
چو تہ پوءِ ڪپڙا ننگا تي پوندا
آئون ڪپڙن کي اگھاڙو ڪرڻ نٿو چاهيان.

❇

لڙڪڙائي تي جواني،
تيز ڪائي تي جواني.

چوڙ وٽ سنڌو وهي جيئن،
ايئن تڪائي تي جواني.

پيل هٿ ۾ چڙ ڪا ڪاتر،
اهڙو گھائي تي جواني.

مان وڃان تو پاڻ ۾ چو؟
گنگنائي تي جواني.

رُهيءَ وارو مينهن آهيان،
بر غلائي تي جواني.

شاعري تر جي رلي چڙ
ڪڻ کي ڏائي تي جواني.

جهيڙو جيون آهه ڪو سُر،
تند تپائي ٿي جواني.

تو ڏڳان ڏنوٽيءَ جيان،
پر وسائي ٿي جواني.

❊

آڳرين چنڊ جي روشني آهي،
توبنا دل اداس ٿي آهي!

مون تصور ۾ توسان ڳالهايو
لوڪ ليکي ته شاعري آهي!

موڪلائڻ مهل پيو سوچيان،
ريل چو وقت تي پڳي آهي!؟

هوءَ پڪاسو جي خواب جئن چوڪر،
ڪنهن مصور جي زندگي آهي!

تنهنجي لهجي سندي ترنم تي،
ياد پئي ست، شيام جي آهي.

يار+ واجدا! ضمير زنده آ،
هيءَ غريبي تڏهن وڏي آهي!

❊

+ واجد: مرحوم واجد منگي (سنڌي شاعر)

رات ٻه منهنجي اندر مان، صوفيءَ پئي جهونگاريو
ڏيان عشق کي عمر مان، صوفيءَ پئي جهونگاريو.

تو اناالحق ڪنايان ، گهاٽا گهوري ڏسن ٿا،
منهنجي ته هر ڪفر مان، صوفيءَ پئي جهونگاريو.

جڙ ساري خدائي ڪلهه رقص ۾ هئي مون سان،
اڄ ٻه سندس ياڪر مان، صوفيءَ پئي جهونگاريو.

سانجهيءَ ٽاڻي من جي مسجد ۾ بانگ ڏني هُن،
پوئين پهر مندر مان، صوفيءَ پئي جهونگاريو.

جڏهن نيٽن نهار تائين منهنجي اڳيان هو سمندر
جيون جي ساري جر مان، صوفيءَ پئي جهونگاريو.

ڪيڏي غليظ سياست، ڪيڏا منجهيل هي مذهب!
پوٿيان پنهي لئه در مان، صوفيءَ پئي جهونگاريو.

شل ديس هي پتائي! پنهنجي فڪر کي سمجهي،
ڪلهه سن جي شهر مان، صوفيءَ پئي جهونگاريو.

❊

تند اجان تون تاڻ!
اجان آهي راتڙي!

ڏيئي ساٿ صليب جو
پنهنجي پيڙا ماڻ!
اجان آهي راتڙي!

ديس چنڊ چيٽ جو
تنهنجي نيڻ نياڻ
اجان آهي راتڙي!

ڪرت قوم ـ ڪپار ۾
ڪنو منجهه مياڻ!؟
اجان آهي راتڙي!

سيني تير تکا ڪيا
تنهنجي سُرت سِراڻ!
اجان آهي راتڙي!

ديس ٻُڏو اونداهه ۾
جرڪي تنهنجي جاڻ
اجان آهي راتڙي!

سويا! سنڌ ڪنت مان
ڳائي سدا تو هاڻ
اجان آهي راتڙي!

❊

ڪامريڊ سوڀي جي بيماريءَ دوران لکيل وائي.

ڪـــڏهن پـــي درد ڳاتاســـين، ڪـــڏهن پـــي پيـــار ماڻياســـين
ائـــين ئـــي عشـــق جـــا ســـيئي عجـــب اســـرار ماڻياســـين

حيـــاتيءَ ۾ وجـــايوءِ اســـان جيڪـــو ڪمـــايو آ
پنهـــي ڪـــي وقـــت جـــو ونـــديو وڏا وهنـــوار ماڻياســـين

ڏرم جـــي ڏوڙ ڇـــاڻي ســـين، رڳـــو ســـڪڻا دلاســـا هـــا
عشـــق لاحـــد لٽـــو دل تـــي، ســـوين سنســـار ماٽياســـين

پلـــي مـــوهن دڙا ســـڏجون، پلـــي ٻيهـــر نـــہ اڏجـــون پـــر
ســـندءِ جـــوين جـــي ســـندوءَ جـــا، ســـمورا آر ماٽياســـين

پـــلا ڪـــو پـــاڪرن ـــــ بـــر ۾، ســـگهيو آ محبتـــون مـــاٽي!؟
دلـــين جـــا دنـــگ پـــلا کهـــڙا، ســـمورا پـــار ماٽياســـين

ملـــڻ جـــي مهـــل ڪـــان اڳ ۾ پلـــر پـــالوٽ تـــي پيئـــي آ
پڳـئـــي آرس نچيـــو ســـانوڻ، اســـان ملهـــار ماٽياســـين

انـــدر ۾ ســـنڌ ڏڙڪـــي ۽ رهـــي تـــي ايـــئن اڪـــين ۾ جـــو
نـــہ ڪـــو پاتـــال لئـــہ فرصـــت، نـــہ ڪـــو پـــولار ماٽياســـين

نـــہ ڪـــو ڏورا نـــہ ڪـــو مـــورا، نـــہ ڪـــو ڪجليـــا نـــہ راســـوڙا
اســـان جـــا ڳـــيچ ڪـــنهن ڳايـــا، نـــہ ڪـــو اظهـــار ماٽياســـين!

حيـــاتيءَ ـــــ تـــانوَ مـــان هوريـــان جـــواني هـــارجي پيئـــي
وڇـــوڙي جـــي ڇُهيـــو واريءَ، جـــڏهن وســـڪار ماٽياســـين

*

## چو قبوليان مات ڪي

عشق ڪنهن آيت جيان دل تي لٿو
درد جا تفسير ها مون پوءِ پڙهيا
شاعريءَ جا توڙي پيتا مون شراب
ڪيپ تنهنجا چپ ڏسي مون تي چڙهيا

مان سراپا سمنڊ تي ويس پيار جو
پر نہ آئين چنڊ جان مون ۾ چلڻ
واءُ جيان وئين دور ٿيندو مون کان تون،
بي وفائي جا وري ساحل چمڻ

بارشن جي پاشا ۾ مون خط لکيا
سپ وٽن جا پن پيا تن کي پڙهن
ڪئين توکي سمجهائجي کولي پلا
چا چميءَ جي آ زبان، کهڙو وطن!

لاڙ جون چانڊوڪيون تنهنجو حُسن
آ اُماتيو مٽ مون ۾ ماڪ جو
صبح ڳھريل ڳوٺ جو ڳائي لتا
ڪھڙو رشتو پاڻ سان ادراڪ جو

ٿهڪ تنهنجي جي گرد تا سرَ گھمن
مات تون گوتم جو چڻ آن مجسمو
تون ٿهيل چڻ ننڊ جي مٽي منجھان،
نيڻ تنهنجا اڄ ڪُليل ڪو ڪرشمو

ريگذارن تي منهنجي ڪھڙي ميار
بي ردم سارا هتي رستا ڏنم
اڄ رات جو جيئن اجنبي ٿر ۾ رُلي
ايئن چمين سان جنجهيان تنهنجو جسم

تون بہ مون لئہ تي اُٽين آوارگيون،
دل جي مون سان آ اگي ئي دشمني
عشق تو سوچي عقيدن ڪان اڳيان
جڳ چوي تو روح تنهنجو جهنمي

روح جا سپ پيچرا تنهنجي گلي
چو پلا سجدا ڪجن ڪائنات ڪي!
عشق آ جيتي چڏي منهنجي عمر
چو قبوليان مان دنيا جي مات ڪي!

❊

پـٽـڻ جو پاتـٽـي پوڙھو دريا جا دؤر ساري ٿو
بُـڏي+ اڄ ويـڻ واريءَ جا سنڌي سائين سنپاري ٿو!

جنم- تنهنجو اجايو آ، متي تنهنجي اٽاسي آ،
ڪنن ۾ آڱريون ڏين ٿو جڏھن هي ديس پڪاري ٿو!

ٿُـڙ* ڪي تيڪ ڏيندي ٿو صدين تائين سوچي پوڙھو
ڳاڙھي کهنبي ڏيھ ڏانهن هو مُـڙي مرڪي نهاري ٿو.

وينو اڄ پاڻ وڪٽي آن، انهيءَ مَٿ جو ملڻ ڪھڙو؟
سنڌءِ هي سون جهڙو ديس غلاميءَ ۾ گذاري ٿو!

اسان تي عشق تنهنجي جا سوين ٿا روپ ظاهر ٿين،
پٽائي پرجهلو جنهن پل اچي پنهنجي اُوتاري ٿو.

ڪٽي جهانجهر وجي پيئي، هڳاءُ ڪيڏو هوا ۾ آ!
پريان پاجهر جي ڪيتن مان پرين چنري اڏاري ٿو.

ٻڌا ناهن ستارا سڀ، اجان پي رات رم جهم آ،
اجان متڪي ۾ مڌ آهي. پرين جو پاڻ پياري ٿو.

❋

+ سنڌي سائين: سال 1963ع جي سياري ۾ شيخ اياز ۽ رشيد ڀٽي بمبيءَ جي راجن چاولا ۽ گيتا راج سان گڏ دهلي آيل هئا. هڪ شام مان اياز کي اڪيلو هوٽل کان ٻاهر وٺي آيس. اسين پريملاٽي جي آڪسفورڊ بڪ ڊيپو ڏانهن وڃي رهيا هئاسين جو ڪناٽ پليس جي ڪاريڊور ۾ اُهوئي اڌ چريو ڏيئو مل ’ڪراچي حلوو ڪراچي حلوو‘ جا هوڪا ڏيندو مليو. مون کي ڏسي بيهي رهيو ۽ چيائين ’ديوان! اڄ حلوو نٿو کائين؟‘
’سنڌي سائين! (ڪناٽ پليس جا سڀ دڪاندار هن کي سنڌي سائين ڪري سڏيندا هئا.) اڄ حلوو اسان جي سکر کان آيل هن شاعر دوست شيخ اياز کي کاراءِ.‘
سکر جو نالو ٻڌي هو اُتي ئي ڄمي ويو. ڪجهه ساعت ۾ اچي هو سکر جي گهٽي گهٽي جو پڇڻ لڳو ۽ پوءِ اهو اڌ چريو ڪيترن ئي هوش مندن جا هوش اڏائي ڪنهن غيبي آواز ۾ ڳالهائڻ لڳو.’ سائين! سکر جا اها ملاڪڙا جن ۾ مان پنهنجي ڪشيل ڏوري سان زنجير چني چڙهيندو هوس، سکر جي اها سنڌو جيڪا مان بنا ساهيءَ جي تري پار ڪري ويندو هوس، اُهي ڪارڪون اهي پلا .... اهي دلبر .... ها اهو دريا بہ دانهون ڪندو هونديءَ تہ منهنجا تارون ڪاڏي ويا!؟‘
سو سياڻن کي مات ڪندڙ اڌ چريي جي اُها سٽ ٻڌي اياز ونجي ويو. ڪي ساعتون سُن ٿي ڪناٽ پليس جي ڪاريڊار ۾ هٿ ۾ حلوي جي چڪي جهلي شيخ اياز جهڙو شاعر ڄمي بيٺو رهيو. ٻئي ڏينهن اياز مون کي چيو. ’لڇمڻ! سڄي رات منهنجي ذهن ۾ اڌ چريي سنڌي سائين جون اهي سٽون ئي وڄنديون رهيون آهن، ’ دلبر، اهو دريا بہ دانهون ڪندو هونديءَ تہ منهنجا تارون ڪاڏي ويا!؟‘
(وهيءَ ڪاتي جا پنا ــ لڇمڻ ڪومل)

ـ تنهنجو جنم اجايو تنهنجي مٽي اٽاسي ـ شيخ اياز
❋ سائين جي ايم سيد ڏانهن اشارو.

## شهيد نواب اڪبر بگٽي جي نانءِ

دور    پهاڙن    پوبان    لهندي
سورج    تن    کان    سوال    پڇي    ٿو!
صدين    تائين    ڳائبي    جا
سا    ئي    تن    کان    ڳالهه    پڇي    ٿو!
جوان    جسمن    جهڙي    ڪنهن    جي
ريٽي    رت    جي    خوشبو    آهي؟
سارا    ڏيهه    ڏسن    ٿا    مرڪي
ڪنهن    اڄ    واسيو    ڪوهلو    آهي!
پٿر    پٿر    گلاب    ڪيو    ڪنهن
جهرٽو    جهرٽو    رباب    ڪيو    ڪنهن
ٿا    ٿا    ٿا    جي    ردم    تي    جن    ۾
سارا    سُر    سمايل    آهن
جُهڙ    ۾    وڄ    جهپاٽن    جهڙا
گيت    بہ    سارا    ڳايل    آهن!
ڪنهن    جي    سرڪش    پيرن    تو    ۾
پنهنجي    ازل    جو    ٽڪ    پيگو    آ

تنهنجو قد آ اڳي کان اوچو
کهڙو باغي تو ۾ ستو آ؟
ڪونه بدي جي ڪاڙهن توکي
هيڏو ڪڏهن گرمايو آهي!
ڪير هيو جنهن توکان اوچو
پنهنجو هٿ هلايو آهي!
سورنهن سالا ڳيروءَ وانگي
پيري ۾ ڪنهن پهاڙ لتاڙيا؟
آخر چا ٿي چا هيو هن جو
پوهه ڪتيون آڪاڙ لتاڙيا!
شخص انهيءَ سان تنهنجو ڪهڙو
رشتو ناتو ۽ هئي نسبت
جنهن کي آيو سر ڏيڻ بس
ڪونه آئي بي اصول سياست!

صدين کان تون سچ سراسر
ايريو آن ۽ آهين لٿو!
چا کو اهڙو ڏينهن بہ آيو
جنهن ۾ ڪڏهن ناهين لٿو؟
هڪڙو پوڙهو باغي هو بس
جنهن اسان جيئڻ جيون گهاريو
جنهن کي سياست آئي ٿي پر
هن کي ڪو نہ جهڪڻ ٿي آيو!
’ڏٿ بہ پنهنجو ڏيهہ بہ پنهنجو‘
پوءِ بہ جيوُن چو گار جيان
هُن چيو پوءِ جيئڻ آهي
ڌرتيءَ جي گناهگار جيان
هو تہ اسان مان ئي تہ هيو پر
انسانن جي ويس ۾ آيو
اسان تہ ساري دنيا ۾ هون
پر هو پنهنجي ديس ۾ آيو!
پنهنجي پوري حياتيءَ ۾ تو
شينهن بہ جُنندي ڏٺو ڪو آهي ؟
پهاڙ جهڪندي ڏٺو ڪو آهي؟
ٽُڪي ٽوڙيو ويندو آ پر
ڪڏهن ڪتندي ڏٺو تو آهي؟
مشرف يو - پي ڪوئو آهي
جنهن جا ڏند پنجابي آهن!
هاڻ رهيا کي باقي آهن!
هن کي ڪونہ جهڪائي سگهيا
هن کي ڪو نہ وسائي سگهيا
تيز هوا ۾ ڏيئي وانگر
ناڻ تہ هُن جو پرندو رهندو
وقت جي تيز نديءَ ۾ هن جو
ناڻ تہ چنڊ جان ترندو رهندو
ڪا ييي دز لتي ڪيئن سگهندي؟
انڊلٽ جهڙو ناڻ انهيءَ جو
ڪير يلا اپنائي سگهندو؟!
جيئڻ ڪارڻ ڏاڻ انهيءَ جو!

کو نہ لنوايو هُن سڏن کي
پنهنجي مٿيءَ تان گهوريو ويو
آزاديءَ جي مومل لاءِ
ڪاڪ وهي پئي ڪڪوريو ويو
ڪاڪ وهي پئي ڪڪوريو ويو!

❊

## تون اچ

اُڀ ڪنهن مصور جو تجريدي شهڪار ٿو لڳي
ڪيئي ڪڪوريل اکيون اُن کي معنيٰ جي چنري ٿيون اوڍائين
۽ بادلن جو رقص شيما ڪرمانيءَ جو خواب آهي
ڌرتي تي سارين جا ساوا پن ڏسي سوچيان ٿو
ڪاش توکي ذوق جا گهڻا ڳچ پاتل هجن ها!
۽ تون جوانيءَ جا سارا ڀيد ڄاڻڻ جي لاءِ
ساموندڙيءَ جا بيت پڙهندي مون وٽ اچين ها
آئون پنهنجي تن من جي سموري تئونس
راڳ ملهاري ۾ تڙڳندي اجهائڻ جي ڪوشش ۾ آهيان
جو تہ ڳاراٽن جا ڳيچ ڳائڻ کان ڀهرين
مائي ڀاڳيءَ کان موڪل وٺڻ لازمي آهي
۽ تو بہ تہ هڪ دفعي ائين چيو هو
جڏهن بہ توتي ويراڳ جي ولهہ وسي
منهنجي خطن جي ڪتوريءَ جي خوشبو وٺجان
آئون تصور جي پينگهہ ۾ لڏندي تو وٽ پهچي ويندس
پر ٻڌاءِ!
تصور جي ٿُرم ۾ ڪيستائين ترسجي؟
تون اچ تہ موسم جي مصور کي نوان منظر ارپيون!

❊

## گيت

گهنگهرو گونجيا ڇم ڇم ڇير
آئي ڪير، آئي ڪير!؟

هن وٽ سپنا باک ڦٽيءَ جا
ساوڻ رت ۾ اُڃي مٽيءَ جا
ڳاڙها ارتا هُن جا پير
آئي ڪير، آئي ڪير!؟

ٽوٽي هوءَ جا آهہ اڪيلي
ساٿ نہ آهي ڪاءِ سهيلي
نانگا نچائي هن جي هير

آئي ڪير، آئي ڪير!؟

هن جي ڳالهہ نہ ڳهلا سمجهن
هن جون راهون روز ٿا روڪن
موڙهن من ۾ هُن لئہ مير
آئي ڪير، آئي ڪير!؟

ڳاڙها کهنبا ويس ٿي پائي
چورا سارا ساڻ نچائي
زيرا هن جي اڳيان زير
آئي ڪير، آئي ڪير!؟

جنهن يي هن سان نينهن نپايو
پنهنجو سارو چين ڦتايو
ايندي آهي توٽي اوير
آئي ڪير، آئي ڪير!؟

هن جي ايندي بادل وسندا
سانگي سارا سک سان سمهندا
تيسين رهنو آهہ انڌير
آئي ڪير، آئي ڪير!؟

ٻہ ٿي جوڳون جوانيءَ جون، اوهان سان پيي وهي وياسين
وهيءَ جي وٿ سُڪڻ کان اڳ ڪيڙي ڪاهي ڪهي وياسين.

نديءَ وانگي نهاريو تو ۽ صوفين جيئن ٻہ ساريو تو
لهي جيئن لاڙ ۾ سورج، ائين تو ۾ لهي وياسين.

اجان چيڙيون نبيريون سڀ حوالي عشق جي آهن،
دنيا داري نہ ٿي دل کان، نفعو گهاٽو سهي وياسين.

خراب ناهيون ڪري ويا هون، جو ڪرندو ڪير ئي آهي،
وچوڙن ائين ولوڙيو جو مرڳو ٿي مهي وياسين.

هجان ها راز جوين جو لڪان ها تنهنجي سيني ۾،
الئہ ڪهڙي پنوڙي مان نڪر وانگي نهي وياسين.

دنيا لاڪي جي لوڙن جيئن، ڪسي هئي ننڍ نيٺن کان،
عشق لاٿو اولاڪو پوءِ ريبارين جيئن رهي وياسين.

کوهي سڀ ڪنب خوابن جا، ٿا لاهيون رات رچ وانگي،
نہ ڪو ڦاٿو نہ ڦٽڪيو ڪو ، ڊبيءَ وانگي ڊهي وياسين.

جهان تو فلسفو سمجهي، اسان جون بس سٽون اهڙيون،
پوڙي ڪجهہ ڳوٺ ڳالهين جا، ويرين وانگي لهي وياسين.

❊

## هن دؤر جو نوحو

سڀ ماڻهو ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن
هيملاڪ[+] ڏاڍي سستي ٿي ويئي آهي
هتي هر ماڻهو خنجر جي خوابن جي تعبير
پڪين کي ٻڌائي رهيو آهي
گلن جي زبان پٽڻ ڪان پهرين
پٿرن جي ڳُڪ سائي ٿي رکي وڃي
۽ ڪنوارن لفظن سان اڪيلائي ۾
بدفعلي ٿي ڪئي وڃي
آرٽ بابت گوئرنگ[*] جا چيل لفظ
هتي هر ماڻهو ورجائي رهيو آهي
۽ هوا هو وساري ويٺا آهن تہ
اديب سماج سان ذميوار نہ هوندو آهي
هنن جي هٿن ۾ اُماڙيون آهن
۽ هو هر دؤر جو پيغمبر ڳولهي رهيا آهن

❊

+ هيملاڪ: اهو زهر جيڪو سقراط پيتو هو.
❊ گوئرنگ: آرٽ جو لفظ ٻڌڻ سان ئي منهنجا هٿ پاڻ مرادو پستول ڏانهن وڌي ويندا آهن. هٽلر جو دوست گوئرنگ

## جسمم جي اسيرن جي نانءُ

ڏاڍو رڻ تتل
پوءِ پيو پانڌي پنڌ ۾!

رائي رانئيون راتڙيون
لڏو پيو تہ لڪيل
پوءِ پيو پانڌي پنڌ ۾!

سچ کي سُڪل ڳُهڙَ جيئن
چوڌس چٽنگ لڳل
پوءِ پيو پانڌي پنڌ ۾!

هرٽيءَ جهڙيءِ اُڃ چوڌار
سانيڪا پيو سڪل
پوءِ پيو پانڌي پنڌ ۾!

ڏاريان ڪتا ڏيڙيا
ڏرتي تامون تتل
پوءِ پيو پانڌي پنڌ ۾!

ڪٽي نڪتا پاڻ سان
وتيون وهہ پريل
پوءِ پيو پانڌي پنڌ ۾!

جهولا جهڪ هوندي پيو هو
ٽانگر جيئن ٽڙيل
پوءِ پيو پانڌي پنڌ ۾!

آيا تن کي ياد هئا
سانجهيءَ جو سانول
پوءِ پيو پانڌي پنڌ ۾!
❊

پيو سڙهہ سانپاهي
اجان آيو ڪالهہ آ!

لهرون لاڙي سمنڊ جون
هُو چنڊ جيان چاهي
اجان آيو ڪالهہ آ!

لڱ منهنجا لانجها ڪيا
پرين پوهہ پاهي
اجان آيو ڪالهہ آ!

مون ڦوتهڙي ڏينهڙا
شل رُتن سان راهي
اجان آيو ڪالهہ آ!

سمنڊ ڇُلي جيئن مينهن ۾
اندر ايئن آهي
اجان آيو ڪالهہ آ!

*

## ٻن چپن جي گفتگو

’رات‘ خانہ بدوش ڇوڪريءَ تي الزام ٿي هڻي
تو وٽن جون اکيون چورايون آهن
۽ ڌرتيءَ کي رولاڪي جي معنيٰ ٻڌائي آهي
پوهہ جون نريل شامون
تنهنجي پوري بدن جي تلاش ۾ آهن
تو هرڻين جي اُڃ جهڙو وقت
چڙهندڙ نديءَ ۾ وهنجي گذاريو آهي
ٻاک ڦٽيءَ جو ميندڻيءَ جو تار ٿي ويندي آهين
ڪيترين اکين کي تو اوندهہ ۾ ٿاٻا ڪارايا آهن
۽ پوءِ جهانجهر جيان کلي آهين
تنهنجي خوابن جي آسمان تي ڪکر ڇانيل آهن
پر تو وسڻ جا ويس ناهن ڪيا
تون پنهنجي عزت جي مدار تان ٿڙي ناهين
توٽي جو جوانيءَ بہ وڏو زلزلو آهي.
ڇوڪري مرڪ کي معنيٰ جو لباس پارائي ڇوي ٿي
هو پٽر ڊوئينڊڙ گلاب ڇوڪرو ٿي
منهنجي دل جي ڪليسا جو ڪبوتر آهي
منهنجي جسم جي ڪتاب جا سمورا ورق اٿلائڻ جو حق

لاش پنهنجي لاش هيٺ جي تصديق
گذريل ٽن ڏينهن کان ڪري رهيا آهن
مري ويلن جي مائٽن جا چهرا
ڪنهن تجريدي آرٽسٽ جو شهڪار لڳي رهيا آهن
وزير صاحب
ٻاهرين ملڪ جي دوري تان واپس پهچي چڪو آهي
۽ هو مسلسل اها وائي پڙهي رهيو آهي
جنهن جي وراڻي آهي ته
سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي!

❊

پوري نيڻ نهار
پرين تنهنجي ويجهڙو!

ڳاڙها ڳل لڪاءِ تون
ٽڙن ڏاڙهونءَ تار
پرين تنهنجي ويجهڙو!

تاڙيءَ جيئن تون تاوڙي
مڏ جيئن بي ميار
پرين تنهنجي ويجهڙو!

ايئن نہ اُپ اُڪيڙ تون
نيٽين ايئن نہ نهار
پرين تنهنجي ويجهڙو!

آئون ڪو تارو اُپ جو
۽ تون ندي تار
پرين تنهنجي ويجهڙو!

❊

اسان وڃائجي ويا آهيون،
تو ۾ سمائجي ويا آهيون.

تو رليءَ تي گل پئي ٽانڪيو.
اسان بہ ڏائجي ويا آهيون.

هرڪو پنهنجا ٿو حق طلبي،
ڪيڏا ورهائجي ويا آهيون!

ڇڻ سُرن جو سنسار هجون،
ٽوڪان جو ڳائجي ويا آهيون.

روز ٿا مذ پيئون پر،
اڄ لڙڪڙائجي ويا آهيون.

برف جهڙي ڪهاڻي تنهنجي،
پڙهندي پگهرائجي ويا آهيون.

❋

درد بہ سارا ننڊ ۾ آهن،
گيت پيارا ننڊ ۾ آهن.

مٿ اُماهيا سنڌ ـ موکيءَ هن،
۽ متارا ننڊ ۾ آهن.

اورنگزيب جو دور آهي ڇڻ،
۽ چو دارا ننڊ ۾ آهن.

ياڪرن ۾ هيل تون آئين
۽ سيارا ننڊ ۾ آهن!

پهر پوئين آ هلي مون وٽ،
وڻ ۽ چارا ننڊ ۾ آهن.

بندوقن جا ٺڪاءَ چو هيڏا!
مور اجارا ننڊ ۾ آهن.

❋

ڪينرو پيو وڄائين
ڇا جي لئہ ٻتائي!
اڄ ڪيڏارو پيو ڳائين؟

❋

آئي رُت ڪڪوهه جي!

پونم رات اپوڱا پل
آءُ هلي تون هن اوار

آئي رُت ڪڪوهه جي!

اُپ تي ڪيڏيون چمر قطارون
نه ڪو ڊولو نه ڪو ڊار

آئي رُت ڪڪوهه جي!

ڪالهه به ڪامهه ۾ مون کي
سپرين تنهنجي آئي سار

آئي رُت ڪڪوهه جي!

تون به پڪ ٽيندين پاهٽي
مومي جهڙا منهنجا يار!

آئي رُت ڪڪوهه جي!

*

پيار دريا، شاعري آهي گهڙو
۽ ملڻ جا ڏينهن آهن وڏڦڙو.

مينهن هُن کي واٽ ۾ پئجي ويو
هوءَ گهر پهتي، پجائي چولڙو.

گهر اڱڻ ۾ آهي ريبارڻ سُتي،
پوهه پارا، چيٽ جو پاتل پڙو.

رنگ اندلٺ کي مليا ٿهڪن منجهان،
ماٺ تون جي، آسمان موهن - دڙو.

تون ته سانوڻ ۾ سنڌو وانگر سکي!
مان ازل کان هان ڦتل چڻ هاڪڙو.

پنهنجي ساڳي پيڙا آهي مور، ووا!
مان اڪيلو آهيان مون سان رڙو.

بر تنهنجي پاڪرن جو هو وڏو
پو به جوين ويو اديڙي چولڙو.

ننڊ ٿوهر هيٺ تو ڪئي ڪيئن ’فراق‘
پاڳ تنهنجي ۾ نه بارش ۽ ڳڙو!

*

ڪنهن پرانهين پار جو
مان مسافر آهيان

ساز ڇو هٿ سانڪوريان؟
اي گلا! گرنار جو
مان مسافر آهيان

شاعري آ سمنڊ نيرو
اي پريئنڙا پار جو
مان مسافر آهيان

عاشقيءَ جي رت ناهي!؟
ڪاٺيارا! ڪتار جو
مان مسافر آهيان

اوهريا ڇو عدم ڏي هن
آڳانجهي اسرار جو
مان مسافر آهيان

ڇو سياڻا تا سڏيو؟
ديس جي لئه دار جو
مان مسافر آهيان

❊

چڻ حسين ڪائناتي کو ڇهرو هيو،
چنڊ تر کي جڏهن پاڪرن ۾ پريو.

ڳوٺ ۾ ڦهلجي پيئي ٽڏڙي هوا،
چاڻ وڏوا جوانيءَ جو جلوو جليوا!

مان بہ پنڇين جيان ڪيس ڏسندو رهيس،
تيز بارش ۾ نم جو جڏهن وڻ ڪريو.

شهر جي حالتن جي ٿي ورتم خبر،
خون اخبار جي ٿي بدن مان ٽميو.

شاعري! تو سوا هي زمانو لڳي،
چڻ تہ مندر ۾ آهي وساميل ڏيئو!

سمنڊ! نيڻن ۾ جنهن جي ٻڏي تون وئين،
سو تہ تر جهڙي شاعر جو محبوب هو.

❊

توکان جيڪو بہ ڏُک مليو آهي،
تحفو سمجهي اسان رکيو آهي.

ڪوڙ ماڻهن سان واسطا هن ڪوڙ
توسان پر واسطو ٺئي ٻيو آهي.

چئن ضلعن جا ڏگ لتاڙي پو
تنهنجي در تان وري وريو آهي.

دور گهارڻ بہ جي قيامت آ،
ڏڳ گذارڻ بہ زلزلو آهي.

پيار منهنجو مزور آهي چڙ،
مرڪ تنهنجي ڪو پورهيو آهي.

تي اسان شاعريءَ تي ڳالهايو
ذڪر تنهنجو نہ ڪنهن ڪيو آهي!

روز چالئہ ڏسين تي اسٽيشن؟
ڪو وڃڻ وارو پيو وريو آهي!

’بس رڳو ڪيس شاعري ڦبندي‘
ٿا چون، هي بہ تو چيو آهي.

باقي هر شئي جو آ مقدار مگر،
درد آهي جو اڻميو آهي.

ملڪ ساري ۾ رونقون ٿئي ’فراق‘
ديش تنهنجو اجڙ رهيو آهي!

❊

ٻيل ڳاڏيءَ جو ڦيٿو ڦري ٿو رڏمر سان،
انهيءَ رڏمر تي مان پيو هڪڙو گيت لکان.

پڪي نديءَ جي سينڌ وٺي آ ڪيڏانهن اڏاٽو؟
آنءُ نہ ڄاڻان، پر ڪير پڇي هن پاڻيءَ کان.

ڳل وڪٽنڊڙ چوڪرِا! توري اوري آءُ،
تنهنجي ڳلي ۾ مان پيو هڪڙو هار وجهان.

ڪيڏو وڻن جو جهڳٽو هي تو سندر پاسي،
سانجهيءَ ٽاڻي ڳالهايان مان ڪجهہ هُنن سان.

ڊنڊ ڪپر تي ننڍڙي جهڳيءَ ۾ ملاح سوچيو
چار جهڙي سنسار ۾ مان بہ تہ مچي هان!

ميندي‌ءَ جو هي ننڍڙو ٻوٽو جوڀن ماٽيندو،
جيڪي هٿ هي ڳاڙها ڪندو سي شال ڏسان.

نيري اُڀ تي اڇّا بادل اوچيون ديوارون،
شهر لڳي ٿو ٿوهر جهڙو اڄ ڳوٺ وڃان.

خواب ۾ مون ڪان بارش اهو ٻه پڇندي آ،
ٿوهر هيٺان ايڏي ڪيئن ٿو ننڊ ڪيان!

ڪالهه پرين جي ڳوٺ وڃڻ جو سوچيو مون،
وڃي نہ سگهيس ڏينهن سڄو پئي سنبريس مان.

ڪيڏي ننڍڙي ريل ٽيشڻ تي ويراني آ!
نم جي وڻ هيٺ دڪي‌ءَ تي ڪتاب پڙهان.

سارين جا هن ريج ڪُليا جيئڻ سانوڻ آيو،
ٻاري ٻاري ۾ چنڊ پيو مرڪي هارين جيان.

رڻ ۾ رات گذارڻ وارا قيدي هرڻ!
ڪيڏو سهڻو لڳندو آهين ساٿين سان.

گيان مان اٿندي ’گوتم‘ سوچيو ڇا وريو!
هو هن ڪان بهتر ڪاش سڄو ها ديس گهمان!

سارو ٽر آ دانهون تي ويو مورن جون،
اڙي شڪاري! تنهنجي هٿن ۾ ڪينسر ڏسان.

هڪڙي من ۾ آشا سانديي پيو جيئان،
پٽائي! پنهنجي سنڌ امڙ آزاد ڏسان.

شاعر تو وٽ ڪيئي ستون هن ٻوڙي آيون،
ناهي ڏيئي جي لاٽ اجهاٽي، لک اجان.

رستي تان پيئي لٽ اڏائي بس اچي،
سوچيان پيو مان شهر وڃان يا ڳوٺ رهان.

مڇيون ڏنم پئي ٻوڙيون ائين اڪيوريم ۾،
ذهن ۾ ٻوڙندي جڻ پيو ڪو خيال ڏسان.

روڊ ڪناري وڻ ڳٽين تا ڳاڏيون چڙ،
منجهي تہ پوندا مان پيو ٿو پنڌ اڃان.

مندر ۾ هي‌ءَ ننگي مورت چو پڳوان؟
ڇا پوڄا جو ٻہ تعلق آهي سيڪس سان؟

شيڊو اسيمبلي شيڊو وزيراعلي ڇا معني!
آزادي‌ءَ جي ڳالهہ نہ ڪر غلام اڃان.

منهنجي ڪراڙ ۾ سُڪي ويئي آ وڃ تمرا!
تو وٽ هيڊو پاٽي چو پڇ ٻُلهي ڪان!

جنڊ پيهندي، رليون سِبندي، نور ويو
عمر جا بکيا اُڊڙي رهيا هن، ڪيئن سِبان؟

ڪوتا آڏاٽي تي ڪيئي گيت اُٽيم،
هاٽي تولئہ غزلن جو ٿو ڪيسُ اُٽان.

جي هيل سيارو آيو جانان! هيئن ڪبو
تنهنجي نانءُ گرم ڪمبل آ، سو اوڍيان.

ڪيڏي دنيا ترقي ڪري پر ’يار جتوئي!‘
چيڙ ختم نہ ٿيندي سنڌ جي هارين تان!

’ياڳو‘ تنهنجا ڳاهہ سمورا دودي لئہ،
مان پي پنهنجي ’سيد‘ تي ٿو بيت لکان!

الهاس نگر ۾ سنڌ سموري جاڳي ٿي،
’ايم ڪمل‘ جا خطڙا وينو مان بہ پڙهان.

تون انديا جو ٻار تہ آن رولاڪ ’منظور‘!
تو ۾ خوبيون هيپن واريون آنءُ ڏسان.

حجاج ڏيهہ ۾ ويٺي آ جا ’پرمل‘ آکيو:
تنهن کي رڳو اقتدار کپي او سنڌ امان!

پنهنجي سونهن سٽن ۾ اوتيئي اڳتي چا!
’سئفو‘ تنهنجي ڪوتا آ يا تون خود آن؟

منهنجي جيون منجهہ اچين جي چوري تون،
توکي جيڪر مان ’گارگيءَ‘ جو نانءُ ڏيان.

سانوڻ رُت ۾ لاڙ هوائون، چا چئجي!
ساري رات وڄ پي ڳهريل ’سعيد‘ ميان!

لاباري لئہ سنڌ تون آئين پيما پيل!
پويان تنهنجي راهہ نهارن مور اُڃا!

’باشو‘ ساري سنڌ لڳي پيئي هائيڪو آ،
سانوڻ رت ۾ جيڏانهن پي ٿو نيڻ کڻان.

وڄ ڪجيءَ جو جيئن اڪيلو بارش ۾،
ايئن اڪيلو ڳوٺ ۾ تو بن آهيان مان.

ڪلهہ پڙهيو مون بدعت آهي راڳ ۽ رقص،
اڄ دل جهومي پيئي ٿي وي تي ’شيما‘ سان.

هيءَ دل رولاڪڻ ايئن سوچي ٿي چو دوست!
شام جتي پي ٿئي اُتي مان رهي پوان!

دريءَ منجهان مون گھوريو پيئي اڄ گھٽي ۾
بارش ۾ پيئي مان ئي ڊوڙيس ٻارن سان.

نرواڻ اجنتا جي غفائن ۾ پي نه مليو
موڪل واري ڏينهن سمندر تي ٿو وڃان.

شعر ته رياض حياتيءَ جو آ شاعر ’فراق‘
تنهنجي ڪوتا، چڻ ترٽو آ خواب منجهان.

❋

منهنجو پهريون شاعر دوست، منظور سمون
پرمل: راجا ڏاهر جي نياڻيءَ جو نانءُ
سئفو: قديم يوناني شاعره
گارگي: اياز جي زندگيءَ ۾ آيل پهرين ڇوڪري
+سعيد ميان!: نئين ٿهيءَ جو خوبصورت ۽ منفرد اسلوب جو شاعر سعيد سومرو
شيما: مشهور ڪلاسيڪل نرتڪي شيما ڪرماني
شاعري زندگيءَ جو رياض آهي - شيخ اياز

نيرو تاڙي ۾ ڪڄيون
ساريان ٿو جهمپير کي

ڪوليئڙ رات به ڪيپ ۾
ڪهيون ڪنجريءَ جون
ساريان ٿو جهمپير کي

سدا پريل نيند سان
اڪڙيون آهيڙيون
ساريان ٿو جهمپير کي

جُل ڏيئي هر جُوڻ ۾
نيٽ ته آئين تون
ساريان ٿو جهمپير کي

جتي وانئر واءُ ۾
گھريل ڳراٽڙيون
ساريان ٿو جهمپير کي

جتي تنهنجي رڳ ۾
راتيون سپ رانئيون
ساريان ٿو جهمپير کي

امڙا! پائين نه سنڌ ۾
ڪي ٻانڊٽا ٻايون
ساريان ٿو جهمپير کي

ڪتي ساڳيو چنڊ ۽
روپ رتل رتيون
ساريان ٿو جهمپير کي

+آءُ ته هلي ’درس‘ وٽ
اڄ پروڪوپيئون
ساريان ٿو جهمپير کي

+ درس: ناميارو ڪهاڻيڪار رسول بخش درس

اوهان جي عشق اندر ۾ نوان اسرار کوليا هن،
اکين کان ڪجهه نه آ اُوجهل، اٿين سنسار کوليا هن.

ڇُلي پيو چاچرو آهي، ٿڌيرو تر ٿيو سارو
اوهان مرڪي جو بارش ۾ ڪڪوريل وار کوليا هن.

حياتيءَ جي ته پاڇيءَ ۾ ٻُڙي باقي بچي جڏهين،
تڏهن تو وقت واٽيئي جيان، وري وهنوار کوليا هن.

عمر آوارگيءَ ۾ آ اسان سڀ عشق کي ارپي،
ماڻهن مايا خاطر ڪيڏا وڻج واپار کوليا هن.

گلي تنهنجي جزيري جيان اسان سمندر به سرچايا،
اسان جي سڀ جهڙي سڪ لئه اياڻن چار کوليا هن.

رڳن ۾ رت بدران جڻ، رڳو تو راڳ اڄ ڊوڙي،
اوهان اڄ گيت ڳائي جو گلي گرنار کوليا هن.

ڪڏهن ٿي جون بازارون اسان جي آجيان ۾ هون،
اوهان جي ديس دارا اڄ، مو ن لئه سڀ دار کوليا هن.

وري خانه بدوشن جيان، اوهان جي شهر ۾ اچبو
اسان بادل جهڙن ماڻهن ڪڏهن کي پيار کوليا هن!

اسان نظمن جي خيمي ۾، ٻڏي پئي جانجهه صحرا
جي،
ڪڙي ڇيڻيءَ جي چندرما، وڏا ويچار کوليا هن.

سجو آڪاس سانوڻ جو پري تون ڏول ۾ آئينءَ،
ڪلي هن کوهه پي تولئه ته نينگر نار کوليا هن.

گهڙا ڪچا تهيل آهيون اسان چيڪي مٽيءَ مان جڻ،
اوهان پي درد جا دريا ڪري سڀ تار کوليا هن.

مٽن جو مامرو ناهي، ڪلالن جو قصو ڪونهي،
ٽڙيا هن پير شايد تو ڪلي خمار کوليا هن.

اوهان تاندا ٿي توهر جا، آيا آڪاڙ ڪاڙهي ۾،
اسان پنهنجي پناڪ مان اوهان لئه ليار کوليا هن.

❋

وڃائي گهنڊ شيوالي جو آئي آهين ڏيئا ٻارڻ،
اسان جي دل جي اوندهہ جو ڪو توکي خيال پوڄارڻ!

ائين جي بحث تو ڇيڙيا، ائين جي عشق الجهايا،
منجهيل سُٽ جهڙي دل ڪي پو ڪٽيندو ڪير ڪاتارڻ!

ٽٽل چوڙين جون ڳالهيون ڪي، ٻڌن ٻانهون نٿيون تنهنجون،
ڪليل اکين جي خوابن ڪي، سدائين چو ائين سارڻ!؟

غلاميءَ جي گهنگهر ۾ هي، سمورو ديس گهاري پيو
ڏهاڙا هن جي ڳائڻ جا، تہ ايڏي ماٺ چو چارڻ!

اڳي ئي آ منڊي موسم اوهان جي ئي اکين جانان!
ٻيو بارش لڳي آهي پراٽا وير اڄ پارڻ!

ٿڏي آ رات سياري جي، گرم پيا ساهہ اوهان آڇيو
مٿا سائين، مٿا سائين! قرب ايڏا ڪهڙي ڪارڻ!؟

❊

ياد توکي ڪري شاعري ٿو پيان،
پاڙ ڪي پيي صفا ٿو وساري ڇڏيان!

گيت ٻيڙيءَ تي ڳائي ملاحڻ پئي،
دل چوي ٿي وڃي مان بہ ساڻس چوان.

نيري اُڀ تي جو بادل اڪيلو گهمي،
ايئن ئي ڌرتي تي پيو مان اڪيلو گهمان!

ڪالهه موهن دڙي کي ڏسي سوچيم:
هيءُ موهن دڙو آهي يا آنءُ هان؟

ائٿمي ٻر چو ٿا ماڻهو بنائن هتي؟
پن ڏسي سارين جا ٿو مان سوچيان!

سنڌ ۾ سنڌ ڏسڻ جي ٿئي سڪ جڏهن،
مان تڏهن سن شهر ڏي هليو ٿو وڃان.

❋

آهن ڳاڙها گل ٿوهر جا،
زخم ڪويءَ جي جڙ اندر جا.

چنڊ نديءَ سان ڪارو ڪندئي،
جاهل ماڻهو هيل نگر جا!

ٻاٻيهي جا ٻول نہ سمجهين،
گيت چا سمجهندين شاعر جا!

چوريءَ رات ڏٺو هڪ سپنو
ڪيپ اجان تس ان ٻاڪر جا.

جمنا گهاٽ تي گوپي تنها،
ٽڪ لهي ويا شام پهر جا.

سمنڊ بہ جڙ آ سوم رس پيتو
پير ٿڙن ٿا لهر لهر جا!

’سنڌيوا!‘+ سنڌ جي پارت اٿوَ
لفظ هئا منهنجي رهبر جا.

❋

+ سائين جي ايم سيد جا آخري لفظ

## چرين چاهتن جا پڙاڏا

شڪ هنيلي دل ۾ ٿوهر جيان ڦٽو آهي،
هاڻي خواب خنجر جيان اکين ۾ ٿا لهن
آئون المين جا سنيها وصول ٿو ڪريان
تصور پٽرن جيان وسڻ ٿو لڳي،

ڪورن گهڙن جهڙن لمحن ۾ آئون فضول وهنتس
هاڻي حالتن جي چتا ۾ سڙڻ کان سمنڊ به بچائي نه ٿو سگهي
ڪيفيتون پاڳل پڻي جي شهنائي ٿيون وڄائن
آئون ڪوسي واريءَ تي نچڻ ٿو لڳان
زمانو به گهاٽي جيان گهوري ٿو مون کي
پر آئون پنهنجو پاڻ کي
اڳ ئي چڃري چپياتي وينو آهيان
انا جو وهڪرو اچي ٿو
آئون ندي بڻجيو پوان
مثبت سوچ جي ڪونج ڪرلائي نٿي
هٿ جون ڳجهون هاڻ ٿيون پٽين
هن جو رويو به هيروشيما جو يادگار ڏينهن آهي
۽ ڳالهيون چڻ ڪليسا ۾ ڪبوتر ٿي ڪهي
پوءِ به دوست مون کي ٿا چون
آئون غلط فهميءَ جي ول ۾ ويڙهجي ويو آهيان
هوءَ ڪهاڙي جيان دل جي جهنگ ۾ داخل ٿي آهي
شڪ نه پوءِ توهر جيان دل ۾ ڦٽو آهي.

❊

## زندگيءَ جو علم عروض

زندگيءَ جي علم عروض جا ڄاڻو چون ٿا
تنهنجي زندگي بحر وزن کان خالي آهي
تنهن ڪري آئون به بي ردم جي رهيو آهيان
ڪائنات جي موسيقيءَ جا سيئي سُر
چڻ ته استاد منظور علي خان ڳايا آهن
پر آئون عاشقيءَ جي دنيا ۾ ٽٽل تند جيان وڄان ٿو
اُهي منهنجي زندگيءَ تي تنقيد ٿا ڪن ته
تنهنجي زندگي گنگنائي نٿي سگهجي
پر آئون ته زندگيءَ جي اُجايل شاعريءَ کي
فڪر جي چشمي ڏانهن وٺي آيو آهيان
۽ تصورن جي اُڄ کي حقيقت جو پاڻي پياريو اٿم
۽ پوءِ ڪائنات جي رازن جا سُر ائين وڄايا آهن
جئين تمر فقير تنبورو وڄائيندو هو
۽ زندگيءَ جي شاعري تحت الفظ ائين پڙهي آهي
جئين صالح محمد شاهه يتائي جا بيت پڙهندو آهي
پوءِ به هو جراح جيان بضد آهن ته
تنهنجي زندگيءَ جي شاعري ۾ بحر وزن لازمي آهي!

❊

## عشق جا راز

عشق پنهنجا سمورا ساز وڄائي ڇڪو
مون بہ تہ ڏياچ جي روايت نڀائي آهي
درد جي موتين جا پريل ٿالهہ ھن موٽائي ڏنا
۽ پوءِ شاعريءَ جو سِـر سندس قدمن ۾ رکيو اٿم
ڏسون زماني جو ذوق ساڻس ڪهڙي هلت ٿو هلي
پر آئون تہ عشق کي گهنگار ڪو نہ چوندس
ڇو تہ هن شاعريءَ جو تقدس برقرار رکيو آهي
ڀلا جي عشق جون اکيون ڪڍي ڪيس رڻ ۾ ماربو
تہ پوءِ هن ڪائنات جي بينائي جو علاج ڪير ڪندو؟
قدرت واري جون اکيون تہ ڪنهن ڪم جون ڪونهن
عشق جا نيڻ ئي اسرارن تان پردو ٿا کڻن
شاعري تہ رنگين چشمي جو ڪم ٿي ڏي
عشق ۽ شاعري جو پاڻ ۾ ائين سبنڌ آهي
جهڙو اُڃ ۽ پاڻيءَ جو
درد تہ اهو پيالو آهي جو پاڻيءَ سان ڀريل آهي
انهيءَ سان وضو ڪري ئي سونهن کي سجدا ڪجن
ڪفر جا ڪلما پڙهي ڪائنات جا طواف ڪجن
۽ ساري زندگي عشق جا ساز ۽ راز ٻڌڻ لاءِ وقف ڪجي!

❊

پکين جي خواب جهڙي، هيءَ اسان جي جا عمر آهي،
انهيءَ ۾ عشق جي ناهي، سراپا پوءِ ڪفر آهي!

اسان کي بيقرارين ئي وڏي پوءِ سُرت بخشي آ،
زخم ٻنجي ٽڙيا آهيون، ڀتائي جو فڪر آهي.

پرين! هيءَ شاعري ڪڏهين، ٽتل جڻ روڊ ڏامر جو،
سياري جي سنجها ويلي، ڪڏهن جڻ هي پلر آهي!

اسان جي روح رمتي کي، وري تو گهاءُ نئون گُهرجي،
ناهي ڪا سُڌ زماني کي، اوهان وٽ ئي هنر آهي!

اوهان جي موڳ واريءَ مرڪ جيون کي ڳگهاتيو هو
اُماهيل مٽ جيان ٽوٽي، اسان جو هي اندر آهي.

ڏني تو زندگي ساري، لکڻ کي ۽ ڪتابن ۾،
گلن کان پو بہ خالي اڄ 'فراق' تنهنجي قبر آهي!

❊

منهنجي ياڪر ۾
هوءَ واءُ جيان آئي!

ٻاهر مينهن پئي ڇٽيو
پڇندي آڳر ۾
هوءَ واءُ جيان آئي!

هر لفظ ڇُهي ويئي
ڪوتا ڪاڳر ۾
هوءَ واءُ جيان آئي!

ٿي سج ٻڏي مون ۾
دل جي ساگر ۾
هوءَ واءُ جيان آئي!

❊

درد		دلاسي		جيئن
عشق		اٿاڻي		جيئن.

ماڻ		محبت		ڪي،
مڻ		۾		ماسي		جيئن.

ياڳ		پنيور		جيان،
وهي		ولاسي		جيئن.

رت،		اڏي،		آئون،
وطن		واسي		جيئن.

ملڪ		ٻڏو		منهنجو،
ديش		پياسي		جيئن.

دودي جهڙي ديد،
هاڻ بہ هانسي جيئڻ.

پير پڪل پيرون،
ڏڱ واريا سي جيئڻ.

❋

## پتڻ جو پاٽڻي پوڙهو

پتڻ جو پاٽڻي پوڙهو
دريا جو ڏؤر ساري ٿو
ٻُڌي اڄ ويڻ واريءَ جا
ڏسي ٿو ڏور پيڙيءَ ڏي
حياتيءَ جي ڪمايل ڪل
پنهنجي چُونڊي ۾ ميڙي ڏي
جا ياڳان وانگي يُتل آهي
نصيبن جئين ستل آهي
ناهي ڪو چوهہ چولين جو
اڪين جي تار مان ترندي
ڏسي ٿو ڏور جواٽيءَ کي
محبت جي کهاٽيءَ کي
سڪين سان گڏ سيوا لئہ
صبح تاٽي هو ايندي هئي
جنهن تي جر ڏيئا موڪيا
چولين جئين پئي چلندي هئي
لڙي پيا لڙڪ ها هن کي
وڃڻ ويلي چيائين پي
اگر پرديس ۾ منهنجون
وڃن اڪيون اُجهامي جي
ستارن سان جهميل سنڌ جي
ڏسج آڪاس ۾ هونديس
ولين جي واس ۾ هونديس
تنهنجي آسپاس ۾ هونديس
بدن هي بانورو منهنجو
اُلن ۾ آڳ ۾ هوندو
تنهنجي ويراڳ ۾ هوندو
مگر پر رکَ منهنجيءَ کي
سنڌو جي سار ئي رهندي
گنگا جڻ گار تي لڳندي
ڳاڙهي ڳنڙيءَ ۾ ٻڌجي
ايندي تو وٽ راٽي تنهنجي
سموري پيار کهاٽي تنهنجي
چنڊي هو پونگري پنهنجي
سوچي ٿو پاٽڻي پوڙهو
الئہ الهاس نگر ۾ هوءَ
مون کي اڄ بہ ساري ٿي
يا شمشان گهاٽ ڪنهن تي

اڄ منهنجي راهه نهاري ٿي
رنگن جي راز کان واقف
آئي جي هيل رک هُن جي
دريا پاڻي کان خالي آ
يُگ - کهاڻي کان خالي آ
لهرن واٽي کان خالي آ
دل جو مان دريا ناهيان
ڪٿي ۽ ڪيئن سا لوڙهيان
درياءُ جي دل ۾ ٻوڏارون
ڪٿي مان پاڻ کي پوڙيان
صديءَ اڌ جو قصو ساري
هو ڳوڙهن منجهه ٻڏي آيو
ٽڪل ڪنهن هُو آڙي جان
وري اڄ ڏي اُڏي آيو
ڏسي تو ڏور امبر ڏي
ويو تي چنڊ ميرو آ
ستارن کان چُلڻ وسريو
رهيل پاڻين تي قبضا ٿيا
مهاڻن کان ڪلڻ وسريو
ٻڏايو آڏواٽيءَ کي
لکڻ رامائڻ کهاڻيءَ کي
هتي جي هاڻ ڪو ايندو
تہ لکندو ويد واريءَ تي
سموري سنڌ اُجاريءَ تي
ٻلهڻ لئہ ٻات گهري ٿي
پلي جا هن پل پويان
لڪن ۾ لاڙ لهسي آ
پوکن سان انبل پويان
گهڙا ۽ گهيڙ بي معنيٰ
عشق سهٽي ڪري ڪا ڪيئن
ڏُٻن ۾ پوپرا ڦٽڪن
ڪيو ويو ديس آهي ايئن
تمر جا وڻ رهيا ناهن
چرن ڪئن وڳ مهيرين جا
سمنڊ جي ڦيڻ ڦهليل آ
لوٽانيل دڳ مهيرين جا
چڙهن ٿيون سمنڊ جون ويرون
ٻڏي تي لاڙ لاڪٽي
صدين کان ايئن سنڌ منهنجي
تي ڪڏهن نہ بي وهيٽي
نوان مانگر مڇ آيا
ويا پي سنڌ جو پاڻي
هاڻي ڪو مورڙو جاڳي
سڌن سيران ڪئي ساٽي
ڳيهي ويو سمنڊ سي ڳيرو
پرهه ويلي پيارين جي
اٿيا جي پاڪرن مان ها
چڏي ويا ڳالهه جا اڏ ۾
پڄاڻي ڪيئن ٿئي تنهنجي

ساموندين جا تہ سڳ ساري
مهاڻي ڪيئن ٿئي ڪنهنجي
رڇن ۾ روح قاتل آ
ڳُنڍي ۾ ساھ آ تنبيل
ٻڏي دل جي نہ ڪيئن ٻيڙي
سڙھ جي ساٽ ڪان وانجهيل
ڏسي تو ڏور امبر ڏي
ڪٽي نہ وڃ وراٽي آ
وڪن ۾ وقت وچڙي پيو
اکين ۾ ئي تہ پاٽي آ
ٻکي ۾ جڻ پيل ڏينهڙا
گهنگهر ۾ هو تہ گهاري ٿو.
پتڻ جو پاٽڻي پوڙهو
دريا جو دؤر ساري ٿو.

❊

رَتا ڪوتا رنگ ۾، تنهنجا ڳاڙها ڳل،
پوءِ بہ تون اوجهل، آهين چو آڪاس جيان.

❊

مندر جي ڪلس مٿان، هيءَ جو چنڊ چٽاءُ،
جڻ آ گهرو گهاءُ، ڪنهن ڏاهي ڪويءَ جو.

❊

سج لٿي جي سونهن ڏٺم، تنهنجي ڇهري ۾،
جڻ ڪنهن پهري ۾، سوين رنگ شفق جا.

❊

تو جو مرڪي مون مٿان، آندي نيڻ نهار،
جڻ ڪرٽا سج هزار، سورج مکي کيت ۾.

❊

تنها ڪمروءِ ڪيڏا، آوازن ـ مجموعا،
اڳ ۾ ڪين ٻڌا، ڪڏهين ماٺهن ميڙ ۾!

❊

اپ جي نيراڻ ۾ پيو، گهوري چا ڏسين،
پيو پُوري چا ڏسين، اندر پنهنجي اکين ۾!

❊

تنهنجا شعر ’اياز‘! جڻ هُن جو هٿ ڇهاءُ،
هر پل هيج هڳاءُ، اڇي تنهنجي سٽن مان.

❊

پاڻيءَ تلاءَ ۾ نينگريءَ، ڏٺو پنهنجو عڪس،
ياد پيس سو شخص، جنهن مٿس ڪئي شاعري.

❊

گونگو ٿي ويس مان تڏهن، پرسان گذرينءَ تون،
تولئہ ڪيڏيون مون، ڳالهيون سانڍيون سانوري!

ڪلهہ پهاڙن تي پئي بارش هئي
اُپ مان جڻ پئي چٽيا چانديءَ ڦڙا
پوءِ بہ تو پاتو هيو نيرو وڳو
مون ڪي تنهن ٽاٽي لڳي اندلٺ هئين

تنهنجي ناسي نيڻ ڇڻ ڪا نينڊ ها
تنهنجو جوڀن بي ڇيو مون کي لڳو

❊

رات پيئي ۽ آ تـري ۽ لـڳ ٻـريا
جهيڙيان سياري يا جوڀن ساڻ مان
چنڊ ۾ گھوري پيو ڏسي ڪونيت مٿان
ٻانهون ٻئي واريان ڪنهن تي ولين جيان
دور کهڙي ديس تون آهين ويو؟
آءُ تون، تنهنجي ڪڙان مان ڪٽ مٿان

❊

شام ٽاٽي ڪنهن پکيءَ وانگر هُيس
رات تي ڪنهن وڻ جو ڏاريو روپ مون
پرهه ويلي ائين لڳو ڪو ساز هان
سج اُڀريو مان ندي ٻنجي ويس
ٽاڪ منجهند مان ٻنيس بادل وري
ائين لڳي تو ڪائناتي راز هان.

❊

چنڊ ميرو تي ويو آ ديس جو
۽ نديءَ آهن ٻريا سڀ مٽ دلا
هيل واريءَ ۽ رڳو هن اڄ جا
ديس ڇڻ صحرا جو آ اُڃيو هرڻ
وڻ ستارا ۽ سوچين ٿا سڀ پکي
ديس کي ڪنهن خواب اربيا رچ جا!؟

❊

مينهن ۾ بيٺي آ ٻاهر شاعري
لفظ پُسيو ٿا وڃن ڪنهن وڻ جيان
ڏس هوا ۾ پيئي اڏي هُن جي چني
۽ ردم جا سڀ زيور ويا هن ڀڄي
کول دل جا تون ڪوي در ۽ دريون
روح تنهنجي ۾ ڪري هيءَ روشني.

❊

تو رڱائيو آ ڪتان پنهنجو وڳو
تنهن نيرولي جا وڃي هٿ مان ڇمان
گم تي ويا هن رنگ ۾ مصور سيئي
رنگ نيري کي ڏني تو زندگي
آسمان توکي ڏسي تو پيار سان
گيت نيرا ٿا لکن شاعر سيئي.

❊

سانجهه ويلي ٻڙ ڪراڙو سوچي ٿو:
هيل منهنجا سڀ پتا ويا هن ڇڻي
۽ پکي سارا ڇڏي مون کي ويا
ڪونه ٽيون ٻڪريون وهن ڪاڙهي تني
هي ستم مون تي ڪيو ناهي خزان

اُڃ سنڌ جا وڻ سارا نوڙها ڪيا.

❋

## الئہ هي عشق آهي يا اسان جي دل جي چريائي!

بنا مُلهہ جي ملي محبت، وڃائي ڪو نہ ورتي سين
ڪري تعو يذ ڪيئن پايون، وٽائي ڪو نہ ورتي سين!

پنل پاڪر پُسيل ڳالهيون، ڇُهي وئي شاعري تن کي
ڪُليا پئي خواب ۾ سپرين، ڇُهي وئي شاعري تن کي

وڃائي پاڻ کي پوءِ ئي، اسان آ پاڻ کي پاتو
وڇوڙي جي وٽن ويٺي ملڻ جي ماڻ کي پاتو

اسان پئي جيءَ سان جهيڙيو سمندر سوچ جو ڪيڙيو
وياسين ڏاڍو ڏاڍو ٿي اسان کي ڪو نہ ڪنهن ميڙيو

ٽـٽل دل جا ٽڪر ميڙي، پنا رڪ ۾ پڏا هاسين
ڪفر مان ڪونہ ورچاسين، حدن کان پي وڌيا هاسين!

ڏناسين خواب  ڪتين کي، اکين کان رنگ جڏهن وسريا
ڪِڃيُون پئي ڪنپ ۾ راتيون، اسان تي ڏينهن پئي ڏمريا

هُنن پئي هٿ کي ڇَيڙيو، اسان پئي پاڻ کي پينو
جنڊن جا پُـڙ ڪلي پيا جن رڳو پئي چاڻ کي پينو!

اسان مسمار ٿي اڏيو اندر ۾ ڳوڻڙو هُن جو
اسان جي روح پئي راڳيو رڳو بس اوتڙو هُن جو

ڏندن ۾ هُن ڏني پوتي، اسان ٻلهار پئي ٿياسين
اکين ۾ ٿر پيس مرڪي، اسان ملهار پئي ٿياسين

وصالن کي جو ڪيڪاريو، اسان سان دل وڙهي پيئي
ڪياسين ٿاڪ ٿر ۾ پر ڏسي بادل وڙهي پيئي

وڪياسين ڏينهن ونڻ جهڙا، ڇڏياسين پل ڪٽڻ جهڙا
الئہ ڇا هو سُجهي آيو، ڪلياسين ڏينهن روئڻ جهڙا!

ڇڏڻ ويلي ڇڏيو سڀ ڪجهہ، ڪٽڻ ويلي خدائي ڪنئي،
اسان تقدير پنهنجي لئہ، رڳو چونڊي قضا ئي ڪنئي!

عشق پهرين نفعو ڏيئي، اسان کي دل کان ورتو پو
ڇيائين مُورُ ميرو آ، سڄي سودي ۾ آ گهاٽو

بنا ڪنهن واڪ جي وڪڄي، پڳاسين نيٺ اکرن وٽ

هاٽي پيا پاڻ کي ڳوليون هاٽي پيا پاڻ کي ڪوليون
اکر ٿيا عشق جي تابع، اسان پيا روح کي روليون!!

انا دل جي مٿي ٿي ويئي، اڃي پوءِ عشق ئي ڳوهيو
ٽٽاسين ڪو نہ ٽارن جان، اندر صوفين هو سوهيو

الئہ ڪنهن دور تيشڻ تي پئي شايد لتا ڳاتو
’ڪيسريا بالما، پڌارو ماري ديس، ووا!‘

اچانڪ دل جي ڪيٽيءَ تي ڪا زخمي ڪونج ڪُرلائي
پنيا وار ڪلهن تي سي تہ چوڙي چڙياٺين مون کي نال نہ نيائون

اکين ڪن چار اچليا پئي، اسان دل پاڻ ڦاسائي
هئاسين ڪو نہ هرجائي، ٿياسين پوءِ سودائي!

مُنجهيل سُٺ جان اسان جي دل ڪٽڻ لئہ عشق ئي آيو
اسان ويهي ارٿ کي اُٽيو اسان دل پاڻ الجهائي!

الئہ هي عشق آهي يا اسان جي دل جي چريائي!

❊

هڪ تہ شهر تنهنجي جا رستا سوڙها آهن،
پيو هر هنڌ پيپل پٽر ۽ ڪاوا آهن.

هو عشق تي الزام تا هڻن مون اڳيان،
هنن کي جا چوان، شايد ڏاها آهن!

رنگ جيون جا مون کان وچن پيا وسرندا،
مون ڪافي ڏينهن کان خواب نہ ڏٺا آهن.

غور سان ڏسي وٺ تون اڄ سمندر کي،
کي ڪي ماڻهو بہ ائين هوندا آهن.

رات خواب ۾ پڇيو گگوش هو مون کان،
چو چيرن چمڪا تي ويا چسا آهن!؟

گيت جگجيت پيو ڳائي اڪيلو
چڻ هڪ اک مان لڙڪ ڪريا آهن!

ڪو نہ پڏرا ٿيون ها شهر تنهنجي ۾
چا ڪريون يار هت شاعر جهجها آهن!

❊

پنهنجي مٿان هي اُپ اگهاڙو سوچي ٿو
ساري ڌرتي منهنجو پاڙو سوچي ٿو.

ماڻهن جا هي من چو هيڏا ميرا ٿي ويا هن!
شهر مان ورندر ڪوئي ڪراڙو سوچي ٿو!

سمنڊ تنهنجي چولي چولي چو ٿي بيک گهري؟
ڏينهن تتي جو ٿر ۾ تاڙو سوچي ٿو.

ڪجهه پل اڳ مون چندرما ۾ ننڊ ڪئي،
ڪاڏي ويو آهہ؟ ڪوهہ هو ٻاڙو سوچي ٿو.

*

تون ڪا تار ندي جڻ آهين!
تو ۾ روز تران ٿو آئون.
روز بدي جي روح ۾ جهانڪي،
چندن جيئن ٻران ٿو آئون.

تون آن وائي ڀٽائيءَ جي ڪا
علڻ جيان ڳايان توکي!
مون ۾ هڪڙو ٿـر وسي ٿو
ڪيئن اچي مان پچايان توکي!

مون کي اوجا سپ اچن ٿا
ڪڪرن کي ڪيئن ڪڻ هٽان مان
منهنجو ڪو گهر گهاٽ نہ آهي
تڏهن ٿو ايڏا وڻ هٽان مان!

مصور وٽ جيئن رنگ ڪٿي پئي
اهڙو روپ رڪان ٿو آئون!
روح ۾ هڪ راڏارو رهي ٿو
ساري جڳ چڪان ٿو آئون!

مون تہ چرپائپ ڪري ذخيرو
پنهنجي بقا آ ڳولي ورتي
تو تہ ڪٿارو ڪو نہ وڄايو
سر تہ صدا آ ڳولي ورتي

ڪالهہ بہ هڪڙي جوڳيءَ آکيو
ڪو بہ ڪويتا ڍارو ناهي
سارو ننگر شهر رُليس مان
سـرمـد جـو اوتـارو نـاهـي

اجرڪ جي اڪڙين ۾ ڏسجان
لڙڪ لڙڪن وٽ کهاٽي تنهنجي!
موهن دڙو اڄ بہ چوي ٿو
ساري سنڌ ٻاٻاٽي تنهنجي!

آڪيرن ڪان ننڊ ڪسي ڪنهن
آئون هوا ڪان اهو پڇان ٿو!
دنيا ڏن جي پويان ءِ مان
جهوني ٻڙ جي ڪٿا لڪان ٿو

ايڏو مڌ تون ڪٽي اڪين ۾
ڪنهن ڪي پيارڻ نڪتي آهين!
لاڙ سمورو گهر ۾ آهي
ڪيڏانهن ريبارڻ نڪتي آهين!

مون ڪي تو چاچوليو ايئن آ
تي مان خانہ بدوش ويو هان
اڄ جي سوڙهي گهٽيءَ مان پڇندي
سارو مان اتهاس رليو هان.

رات پڪين جئن خواب ڏنو مون
ديس جو وڻ وڻ آهي رُدالي!
عشق جا سارا باغ مون هڪليا
ڏات ملي ويئي آهي ڏالي!

ماٺ ڪري جي هيل تنبورو
ڌرتيءَ تان آڪاش ڏسان مان!
روز چپن جي ڳالهہ لڪين ٿو!
ڪيئن جيل اندر لاش ڏسان مان!

المين جي ٿي موسم ڳولهي
ڪورا گهڙا پناهہ ڏئي سگهندا؟
پٿر پٿر رقص ڪري ٿو
موهن دڙا پناهہ ڏئي سگهندا؟

مون ڪي سڙهہ بنائي ويئي آن
تون بہ تہ ٻڌجي ٻيڙي، آءُ
سمندر جي دل روز ٻُڏي ٿي
طوفانن سان ٻيڙي، آءُ

گوتم پنهنجا خواب مونکي ڏي
مان نياڻ جي ننڊ چورايان
سارو عرش ستو پيو آهي
هڪڙي رات لئہ چنڊ چورايان

چڏ آوازن جو جهنگ ويديان
جو تنهنجي ڳالهہ گلابن جهڙي
ڳوٺ ۾ توتان راڳ ٿيو آ
تنهنجي جواني شرابن جهڙي

پوءِ بہ تو پاتو ڳاڙهو وڳو آ
آزاديءَ جي صدي چڻ آهين!
تو ۾ روز تران ٿو آئون،
تون ڪا تار ندي چڻ آهين!

+ باباڻي - ڪيرت باباڻي

زندگي ڪلراٺي پوٺي تي ڪيل
ڪنهن نابين ريپارڻ جو پنڌ آهي
زندگي آ ندي جي خواب جهڙي ۽
شيام جي سٿن جي ٻـ تہ سڳنڌ آهي.

سياري جي شام جو آڪاس تي بادل
شام جا ڪنهن ڳوٺ تي لٿل آهي
هوءَ مرڪندي پيئي اچي لوسڻ لٽڻ
پرسان ڪٽڪ ٻيي تازي نسريل آهي

ڪنهن دراڙ ٻار جي هٿ ۾ ٽٽل ريڊيو
ريڊيي تي ڪا آڪاشواڻي پيئي وڄي
پرسان ٻـ مينهون ۽ مٿن اچو پکي
۽ ڍنڍ ۾ مڇين جي ڪهاڻي پيئي وڄي

سمنڊ ڪناري هن سياح جي زندگي
جڻ اڇو پکي واءُ ۾ اڏري ويو
سنڌ جي ثبات تي سوچيندي هو صوفي
صدين جي تاريخ ڏانهن اُڪري ويو

هو سگهڙ پيو سوچي ڳجهارت ڪا اجان
نالو لکي ذات کي وري وڻ ڪريو ڪو
رات جي آخري پهر ڪنهن پکيءَ جو ڦڙڪو
۽ واڙي ۾ ٻڪرين جو اڄ ڏڻ ٿهيو چو

چنڊ اڇاتري نظر وڏي جهوني وڻ تي
زندگي جو رنگ منچ ڏنڏلو ٿو لڳي
پيگل چرخو ڏسي ڪبير چيو هوندو
زندهہ رهڻ هاڻ هت مسئلو ٿو لڳي

هر دل ٻـ آهي جڻ وڳهہ ڪوٽ جئين
پاڳوپان جنهن ۾ ڪي ڳاهہ چوي ٿو
پٽائي جي رسالي جي موسمن ۾ جت
شهر کان دور ڏس ساهہ ڪٽي ٿو

زندگي تہ رستو آهي بارش جو يارو!
۽ بارش ڪري خودڪشي، حرام ناهي
زندگي تہ بدن ميرو لاڙ ي سمندر جو آ
سمندر ٿو وهنجي، حمام ناهي.

❋

مون کان پاڻ پلڻ کان پھرين
مون ۾ ٿوري ننڊ ڪرين ها!
مون ۾ جيڪي خواب ڪوٺيا ٿئہ
تن مان ٿورا ڪوس پرين ها!

ڪونہ ڏڏڙ ها اُڏري مون ۾
پر نہ ڪڍهن چنڊڪار ڪيئہ!
گيت ڪچي جو پيلو ٿي ويا
پر نہ دريا جيان آر ڪيئہ!

هاڻ تہ اهڙو دوزخ آهيان
جنهن کي ڪا بہ دري ئي ناهي
مان تہ ٻرڻ ٿو تو ۾ چاهيان
تو ۾ برف ڳري ئي ناهي

منهنجا ويا سپ بکيا ادڙي
تو وٽ سئي سڳو ئي ناهي!
مان ٿو اُوڊي عشق گھمان جو
مون وٽ پيو ڪو وڳو ئي ناهي

مون کي محبت جو وڻ ٻڌائي
منهنجي چانوَ چڏي چو ويئين؟
توکي سارا رنگ سجاڻن
مون مان پاڻ لڏي چو ويئين!

مان هوس سون ڪچي جيئن جانان!
گھاڙوءَ جيئن گھڙڻ کان پھرين
مون ۾ ٿوري ننڊ ڪرين ها!
مون کان پاڻ پلڻ کان پھرين
مون ۾ ٿوري ننڊ ڪرين ها!

❁